GOV
آهيان مُسافر ... !!!
گيتكارِ گووندا

www.jspm.edu.in G-3-59

آهيان مُسافر... گيتڪار گووندا

بابا شيواداس دربار (رتوديرو)

ميونسپل ڪارپوريشن جي سامهون، سنڌونگر - ٣

بابا شيواداس صاحب



بابا مُراريداس صاحب

بابا وشنداس صاحب

بابا منوهرداس صاحب

ديدي لڪشمي



RGS ENGLISH HIGH SCHOOL
24 AUG 2015
Ulhasnagar - 421 004.

بابا هرنامداس صاحب

بابا شيوادس دربار (رتوديرو)

ميونسپل ڪارپوريشن جي سامهون، سنڌونگر - ٣

هي نظرانو سڪ شرڌا، دلي طرح سان آرپيان ٿو برهملين،
درويش، ڏک نواريندڙ، سڀ ڪي ڏيندڙ ۽ سڀ جون آسون پڄائيندڙ
بابا هرنامداس شيواداس صاحبن کي.

بابا شل هي نظرانو قبول ڪندا هن نماڻي جو.....

نيازمند

گيتڪار گووندا

”هرعادت ۾ آهيان مان“

”ساقي شراب آڻي ڏي“

”دنيا کيل تماشو“

مجموعي جي اَپار سڦلتا کان پوءِ هاڻ:

آهيان مُسافر.....

گيت، غزل، نظم، آزاد نظم، ڪويتائون، ڀڄن، ڪلام، شعر
۽ رُباعين جو مجموعو

گيتڪار گووندا

(ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم)

ميمبر: د فلم رائيٽرس اَئسوسيئشن (مُمبئي)
ميمبر: سٽي رائيٽرس ڪلب، سنڌونگر-۳

سال: ۲۰۱۳ — ڇاپو: پهريون

قيمت: ۱۸۰ رُپيا — ڪاپيون: ۶۰۰

پبلشر: اَنيتا جي. ريلواڻي

ڇپيندڙ ۽ ٽائيپ سيٽنگ: مهيش ديپ پبليڪيشن،
نارائڻ وِلا، ۹۴، ۱۶/۱، شو روڊ، اُلهاسنگر-1

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

پبلشر، گيتڪار وٽان، موبائيل 9890032005

جڳديش بوڪ ڊيپو - اُلهاسنگر- 2.

ايل ڪشنچند ائنڊ سنس - اُلهاسنگر- 2.

Gov

مٺڙي ياد ۾

سدا حياتهريش (بابو)

نارائڻداس ريلواڻي

Exp.:01/04/2010

سدا حيات

دادا نارائڻداس اُتمچند ريلواڻي

Exp.:10/12/2006

سدا حيات

بابا اُتمچند ميلهومل ريلواڻي

Exp.:19/01/1992

هڪ چِٽِنگ مونکي لتاڙي ويندي، خَبَر نہ هُئي،
ينيت باهہ مونکي ساڙي ويندي، خَبَرَ نہ هُئي،
سالن کان سانديو هو، ساهہ ۽ سرير پنهنجو،
گَرَمِ هوا، چَمَن اُجاڙي ويندي، خَبَر نہ هُئي.

گيتڪار گووندا

سدا ياد ڪندڙ

اِندران نارائڻداس ريلواڻي

گوپ، گيتڪار گووندا، ڏرميندر

لڇمي، اَنيتا، مونا، اَنجو

اَشوڪ لعل، ڀڳوانداس، جڳديش

درو، مينا، شيلا

مهيش، ديپڪ، منيش، موهت، هتيش، هيما، پوجا

سيما، پريا، نريندر، پرڪاش، راهول، تمنا، منوج ۽ نيل

21 AUG 2015

"Har Aadat mein Ahiyaan Maa"-2007
(1st book)
"Saaki Sharab Aane De"-2008
(2nd book)
"Duniyya Khel Tamaasho" -2009
(3rd book)
& Now in your hands

Ahiyaan Mussafir.....

Collection of Geet, gazal, Nazam, Azad Nazam, poetries, bhajans, kalam, Sher & Rubayee's

Author	:	Geetkar Govinda		
Copyrights	:	With the Author		
Member	:	The film Writers Association - Mumbai		
Member	:	City Writer's Club, Sindhunagar - 421 003.		
Edition	:	1st	Year - 2013	
Copies	:	600	Price :	Rs. 180 /=
Publisher	:	Anita G. Relwani		
Printed & Typesetting by	:	Mahesh Deep Publication, Narain Villa, 94,/16, Shiv Road, Ulhasnagar- 421001 (M.S.)		

Book are available here
Publisher, Geetkar, Mobile: 9890032005
Jagdish book depo, Ulhasnagar-421002.
L. Kishinchand & Sons, Ulhasnagar- 421 002.

مان گيتڪار گووندا اِهو خلاصو تو ڪيان تہ هي نظرانو،
''آهيان مُسافر'' پنهنجي هوش حواس ۾ لکيو آهي.
ڪنهن بہ جاتيءَ ، ڌرم، يا ڪنهن بہ شخص کي ٺيس
پهچائڻ جي مان ڪا بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. ڪنهن کي
بہ رنج پهچائڻ منهنجي پاونا نہ آهي. وري بہ لکندي لکندي
ڪا بہ غلطي ، اکر جي ڀُل چُڪ لاءِ مان معافي طلبگار آهيان.

فهرست

نمبر	نالو	صفحو
(۱)	مهاڳ	۱-۳
(۲)	پارٽي گوڪلاڻي	۴
(۳)	گيتڪار گووندا پاران	۵-۷
(۴)	شُڪر گذاري	۸
(۵)	خط	۹-۱۴
(٦)	بابا شيواداس دربار جا گيت	۱۵
(۷)	گرونانڪ جي گهر	۱٦
(۸)	بابا هرنامداس	۱۷
(۹)	بابا شيوادار دربار	۱۸
(۱۰)	آرداس	۱۹
(۱۱)	جهولي لعل	۲۰
(۱۲)	آزاد نظم	۲۱
(۱۳)	ناسودو	۲۲
(۱۴)	ذائقو	۲۳
(۱۵)	ڪرمن جو دائرو	۲۴
(۱٦)	سگهه ڏي بدن ۾	۲۵
(۱۷)	شهر جي بجيٽ	۲٦
(۱۸)	سنڌي ايئر لائينس	۲۷-۲۸
(۱۹)	آپاهج شهر	۲۹
(۲۰)	ڪرمن جي سزا	۳۰
(۲۱)	وڏو ماڻهو	۳۱
(۲۲)	چاپلوسي	۳۲
(۲۳)	چندو چوڪرو	۳۳

P.T.O.

هر دل عزيز، دلبر، دوست

....

هي نظرانو ’آهيان مُسافر‘ گيتڪار گووندا پاران توهان کي سڪ پري سوکڙي اَتم اُميد تہ هڪ دفعو ضرور بہ ضرور پڙهندا. اُميد نہ پر پڪ اَتم تہ هي گُلدستو توهان کي هر هر پڙهڻ لاءِ مجبور ڪندو.

قربن مان،
گيتڪار گووندا



21 AUG 2015

نمبر	نالو	صفحو
(۴۵)	ڪيو سڄ سنڌونگر جو	۵۷
(۴٦)	قسم ڪاري ڪُتي جو	۵۸
(۴۷)	ٽيڻ نشيلا	۵۹
(۴۸)	پيچ پرينءَ سان ٻڌي ڇڏيو	٦٠-٦١
(۴۹)	ڪا متان ڪرين	٦۲
(۵٠)	آئيم ۽ هليمُ	٦۳
(۵۱)	واڳه ڳروءَ جي	٦۴
(۵۲)	او رَبا	٦۵
(۵۳)	ويو پڪي اُڏامي	٦٦
(۵۴)	هِڪ پرپور جواني	٦۷
(۵۵)	ڏاڻ ڏيتي ليتي	٦۸-٦۹
(۵٦)	ٿيندو ڇا هن شهر جو آلائي	۷٠
(۵۷)	او ڪارپوريٽر جڏا	۷۱-۷۲
(۵۸)	سيٺ سترامداس هرداسملاڻي	۷۳
(۵۹)	ٻڍاپي ۾	۷۴
(٦٠)	برهملين بابا نڪر فقير	۷۵
(٦۱)	سنڌي ٻولي زنده رهي	۷٦
(٦۲)	رباعيون	۷۷
(٦۳)	رباعيون	۷۸ - ۹٦
(٦۴)	چند شعر	۹۷
(٦۵)	چند شعر	۹۸-۹۹
(٦٦)	گيتڪار گووندا جي سنمانن جا فوٽو	۱٠٠

نمبر	نالو	صفحو

(٢۴) ڍنر ٣۵-٣۴
(٢۵) گرھڻ جون گوريون ٣٧-٣٦
(٢٦) ننڍوپڻ ٣٨
(٢٧) اسڪلتا ۽ سڦلتا ٣٩
(٢٨) تڙپ ۴٠
(٢٩) مورک انسان ۴١
(٣٠) امر شهيد سنت ڪنوررام فوٽو ۴٢
(٣١) گيت، غزل ۽ نظم ۴٣
(٣٢) ڪال جي ڪروڌ ڪان ۴۴
(٣٣) اڄ ڪرشنا ۴۵
(٣۴) ٽوڙيو رام رانوڻ ايمان ۴٦
(٣۵) وقت ۴٧
(٣٦) رانول ۴٨
(٣٧) وقت تي ڪم نہ آئي ياري ۴٩
(٣٨) ساري دُنيا مسافر خانو ۵٠
(٣٩) اهڙي حُجت نہ هلُ ۵١
(۴٠) بس خدا هوندو هوندو ۵٢
(۴١) آهيان مسافر ۵٣
(۴٢) چا ، تي ڪرين ٿو غيربُ ۵۴
(۴٣) پرڇائي ۵۵
(۴۴) او متر مات نہ ڪن ۵٦

مُهاڳ:

'آهيان مُسافر'

شاعر گيتڪار گووندا

نظمن، آزاد نظمن، شعرن ۽ رباعين جو مجموعو

ڪتاب جو مهاڳ پاڻڪن کي مدد ڪرڻ لاءِ ئي لکيو ويندو آهي. مون گووندا کي ڪن مشاعرن ۽ اَدبي ڪلاسن ۾ ٻڌو هو ۽ احساس ٿيو هو تہ هيءُ شاعر دل جي گهرائيءَ سان گيت ٿو لکي. گووندا هڪ ناميارو شاعر آهي. هن جي رسيلين ۽ سريلين ۽ شعرن شاعرين جو هيءُ چوٿون مجموعو آهي. سندس پهريان ٽي مجموعا نمبروار آهن (١) هر عادت ۾ آهيان مان (٢) ساقي شراب آڻي ڏي (٣) دنيا کيل تماشو

گووندا کي مالڪ پاران شاعريءَ جي ڏات مليل آهي. ڏات سان گڏ هن شاعر محنت ڪري ڏانو بہ حاصل ڪيو آهي. هن جي شعرن ۾ خيالن جي سوچ ۽ آزمودن جو اُڪت پندار آهي. هن جا لکيل بابا شيواداس ۽ هرنامداس دربار لاءِ چار گيت ۽ ڀڄن ٻڌائين ٿا تہ گووندا جو خلق جي خالق ۽ ملڪ جي مالڪ ۾ سچو صدق آهي. سچ بہ آهي تہ پرماتما جي هستيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ آهي ئي ڪونہ. هن شاعر جي اظهار جي ٻوليءَ جي سرلتا، رواني ۽ سنگيتميہ ڌُن کيس عام جو شاعر بڻايو آهي. سندس گيتن جي ڌُن تي ٻُڌندڙن جا پير اَزخود لُڏندا ۽ لرزش ۾ اَچي نرتيہ جي مدرا ۾ نچندا آهن. هن هندي اُردو ۽ مرهٽيءَ ۾ بہ گيت لکيا آهن. ڪي فلمي گيت ۽ پرائيوٽ آلبم بہ شايع

सतगुरु साँई बसणशाह की जय

ٽيندو ڇا هن شهر جو اَلائي .... ۽ او ڪارپوريٽر جڏا، شهر جي جاگرافيءَ ۽ سياست بابت پڻ روشني ٿا وجهن.

آزاد نظم ڪرمن جو دائرو بہ ڏيان تو ڇڪائي. ڪلام بہ لکيا آهن. نظمن ۾ سماج جي براين بابت گيتڪار گووندا لکيو آهي. جيئن: ''ڏائڻ ڏيتي ليتي.''

''واڳ گروءَ جي وس'' ۾ سڪون بخشڻ جي ڪوشش ڪيل آهي لکي ٿو:

واڳہ گُروءَ جي ، وتَندو هلجي،
جيئَن هوُ هلائي، هلندو هلجي.
واڳہ گرو جي....
ڏُک سُک يارا، پيا اِيندا ويندا،
مَن کي پيو، سَمجهائِيندو هلجي.

ڪرم جي فلسفي بابت لکي ٿو:

مُنهنجون پيڙائون
تُہ آهن
ذرو آهن،
پيڙائوُن پيڙائون نہ
اِهي آهن مُنهنجي
ڪرمن جون سزائون.... !!!

وڏيڪ لکي ٿو .

ڪورو ڪاگر آهيان مان جڻ، ڪورو هاڻ نہ ويندس،
تنهنجي سنگ جي رنگ ۾ بابل مان بہ رڱجي ويندس،
گووندا رڱجي جيئن ميران- ڪرشن، اسين بہ پاڻ رڱايون،
بابا شيوادس ڏِڪجانءِ، تُنهنجي در جا نوُڪر آهيون.

هن فنڪار جا ڪي راڳہ بہ رڪارڊ ٿيل آهن ۽ توهين بہ جيڪر ڪيس داد ڏيو تہ هِن شاعر کي بيو ڇا گهرجي؟؟؟

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي

ڪيا آهن. مڪاني سنستائن سندس قلم جو قدر ڪري سنمانن سان نوازيو آهي. شاعر گرل ڪيماڻيءَ گووندا جي لاءِ شب اِچائن پريو گيت لکيو آهي. اَسان جي هن نگر کان سواءِ آسپاس جي سنڌي نگرن ۾ به هنجو جوڳو سنمان ڪيو ويو آهي. هن جا رچيل ڀڄن لتا ڀڳتياڻيءَ وين شيواڻيءَ پڻ ڳايا آهن. سنڌو يوٿ سرڪل پنهنجي گولڊن جبليءَ جي موقعي تي هن شاعر کي بيسٽ گيتڪار جو خطاب ڏيئي سنمانت ڪيو آهي.

گووندا جي ٻوليءَ جي ميناج، شيرينيءَ سرلتا ۽ سرستا شعرن ۽ ڀڄنن ۾ تيز رواني آندي آهي. هيءُ اسانجي نگر جو ناميارو گيتڪار آهي. شاعري سندس شخصيت جي وصف آهي، گڏ آهي جيڪو سندس موجود ۽ هستيءَ کي پانڪن ۾ پيارو ٿو ڪري ۽ رفت رفت هنجي اظهار ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ نکار ٿو ايندو رهي.

ورهاڱي واري ڪٺن دؤر کان پوءِ اَسين پنهنجي ٻولين ۽ سيينا ڏانهن وڌيڪ سُجاڳ ٿيا آهيون. هيءُ شاعر هن سُجاڳيءَ جو حصو آهي. گيتڪارگووندا جو جنم ۰۲.۰۱.۱۹۶۰ ۾ اُلهاسنگر ۾ نارائڻداس ۽ اَندران‌بائي ريلواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. گووندا جي شعرن ۽ گيتن جو اَنداز نرالو آهي. اُنهن ۾ مذاق ۽ طنز جو تتو اَهم آهي. جيئن هن مجموعي جا هن جا آزاد نظم گرهن جو گوريون، سنڌي ايئرهوسٽيس، چنڊو چوڪرو ۽ ڊنر. پانڪ هن شاعر جا شعر پڙهي مند مند مسڪرائي اندر جو آنند حاصل ڪندا. هن ۾ شاعر جون ڪيئي لکيل رباعيون آهن. هر رباعيءَ ۾ نئون خيال اُپريل - اُسريل ۽ پورو ڪيل آهي. هن رباعي ۾ شاعر شڪايت ڪئي آهي پر انداز مذاقي آهي.

اِنعام، اِقرار به، ماپيو وَيو،
مُنهنجو، هِڪُ اَکر، جاچيو وَيو،
ڪُجهه هِتِ نَه آيو، بِنا ڏي وَٽُ جي،
مُنهنجو طئه تِيلُ، ٻئي کي، تاڪِيو وَيو.

ڳيتڪار ڳووندا پاران ....

پيارا پاٺڪو نمستي،

ڪتابن ذريعي هن ڪتاب جي توهان سان چوٿين مُلاقات آهي. مُنهنجو پهريون شعر-و-شاعريءَ جو ڪتاب (۱) هر عادت ۾ آهيان مان (۲) ساقي شراب آڻي ڏي (۳) دُنيا کيل تماشو ۽ هاڻي چوٿون ڪتاب **''آهيان مُسافر''** توهان جي هٿن ۾ آهي. ڪڙي محنت ۽ مليل اَپار سڦلتا ڪان پوءِ ئي مان توهان جي هر هر سامهون اَچي رهيو آهيان. ڪتابن ذريعي، مُشاعرن ذريعي، فلمن ذريعي مونکي ڪيترا دفعا اِنعامن اِقرارن سان پڻ نوازيو ويو آهي. مُنهنجا ڪيترائي مشهور گيت لوڪن جي چپن تي آهن.

ڪيترين ئي سنسٿائن مونکي بارم بار نوازيو پڻ آهي جيئن تہ سنڌو اَدبي سنگت، پوليس ڪسٽڊي اِنويسٽيڪيشن ڪيترين ئي سينيئر سٽيزن سنسٿائن مونکي هر هر پنهنجي ڦيندڙ پروگرامن ۾ گُهرائي سنمانت ڪيو آهي. سنڌونگر توڙي سنڌونگر ڪان سواءِ پونا، پمپري، ڪولهاپور، سورت، ناسڪ، واپي، ڊوليا ، مُمبئي ۽ ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ مونکي سنمانت ڪيو وَيو آهي.

ديش وديش ۾ مشهور هڪ ناmياري سنسٿا ''سنڌو يوٿ

پارتي گوڪلاڻي 'پارتي'

مان شُڪر گُذار آهيان پارتي گوڪلاڻي 'پارتيءَ' جو جنهن مُنهنجي هر ڪتاب جي پروف ريڊنگ بلڪل چٽيءَ طرح سان ڪئي آهي.

مونکي ياد آهي 'ساقي شراب آڻي ڏي' ڪتاب جي پروف ريڊنگ مهل پارتي کي محنتاڻو ڪُجهه روڪ پئسا آڇيا هئا. دادي توهان پنهنجو وقت ڏيو مونکان ڪُجهه وٺو ته داديءَ غصي ٿيندي چيو، ''ڪمال ٿا ڪيو گووندا مان ڇا توهان کان پروف ريڊنگ جو محنتاڻو وٺندس.'' مُنهنجي اِها خوشنصيبي آهي جو گيتڪار گووندا جي ڪتابن جي پروف ريڊنگ جو مونکي موقعو ملندو آهي. اَهڙي آهي نمرتا جي ديوي دادي پارتي گوڪلاڻي 'پارتي'.

گيتڪار گووندا

ڪان سواءِ هن وَقت مُنهنجي هٿ ۾ ڪيترين ئي هندي سنڌي فلمون آهن، جيڪي مون سائين ڪيون آهن. ڪِن ۾ گيت آهن تہ ڪِن ۾ رول پڻ آهي. اُنهن ۾ هڪ ٿيلئسميا بيماري تي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پروڊيسر اوم روهڙا جي (نئين شروعات) ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي.

مونکي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اَچي تہ هن پرٿويءَ تہ ڪيئي ناميارا شاعر آهن پر.... مون ۾ اَهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو ماڻهو خُشيون ڏيئي مونکي مٿي چاڙهيندا آهن ۽ سنمانت ڪندا آهن. اِها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان بلڪل ٻاهر آهي..... شايد ٻُڌندڙن- پڙهندڙن جو وڏماڻهپو يا خُدا جي رحمت ئي آهي.

مان شڪر گُذار آهيان اُنهن جو بہ جيڪي رهيا مُنهنجي مُصيبت ۾ مونکان پري. ڇو جو اُنهن کي اِها پڪ هئي تہ اَهڙن مُصيبتن سان گيتڪار گووندا اڪيلو ئي لڙي سگهندو آهي ۽ مان اُنهن جو بہ شڪر گذار آهيان جيڪي رهيا سُکہ دُکہ ۾ مون سان سدائين گڏ .... !!!! جئہ جهوليلال.

گيتڪار گووندا

سرڪل“ ۲۰۱۲ گولڊن جُبلي موقعي تي هن ناچيز گيتڪار گووندا کي هن شهر جو ناميارو شاعر، بيسٽ گيتڪار گهوشت ڪري ٽرافي، ڏُشالي ۽ بين ڪيترن اِنعامن سان نوازيو هيو.

ريڊيو اِسٽيشن آڪاشواڻي، ممبئي تان بہ ۲۰۱۲ ۾ مُنهنجا شعر پُڌايا وَيا.

مان شڪر گُذار آهيان اُنهن پروڊيوسرن - ڊئريڪٽرن ۽ سنگيتڪارن جو جن مونکان گيت لکائي فلمن ۾ فلمايا آهن. مون اَداڪاري پڻ ڪئي آهي. ڪيو ٽائيم پاس فلم ۾ مُنهنجا بہ گيت (۱) قسم ڪاري ڪُتيءَ جو (۲) ٽُنهنجا نيڻ نشيلا تڙقائي ويا دل کي ۽ اِن ڪان سواءِ ٻيا گيت جيئي جيئي پپو ڪالاڻي، راجو جڳياسي ڪارپوريٽر جو (ايڪهي راجو اِس شهر ۾ - هنديءَ ۾) مُرلي مچا پونڊيءَ مان ڪنٽيل ڪارپوريٽر ساڻ لڪشمي پاٽل جو هندي گيت (جور بي.جي.پي ڪا) جنهنجا جنهنجا بہ اليڪشن جا گيت مون لکيا آهن اُنهن زبردست رڪارڊ ٽوڙ جيت حاصل ڪئي آهي. اِن ڪان سواءِ ڇهہ پرائيوٽ آلبم جيئي پپو ڪالاڻي - (سنڌي) جيئي همارا پپو - (هندي) جگدمبا ناچي -(هندي) ڏوپيشورا جي پرارٿنا - (مرهٽي) همارا سائين (هندي) هنديءَ ۾ سائين ٻلرام صاحبن جو آلبم، جوتين وارا لعل اُڏيرا (سنڌي- گايڪا لتا پڳتياڻي(وشناڻي) شيواداس دربار لوڙهي وارا بابا دربار جا ڪيئي گيت . پڄن نريندر مهراج (ناڻيڄ) رتناگري، نتياننڊ بابا جي آرتي وجريشوري (هندي)، وشوآتماننڊ جي سموري جيون تي لکيل پڄن (هندي) ۽ اِن ڪان سواءِ مُنهنجا ڪيئي پرائيوٽ آلبم نڪتل آهن. اَڄ تائين سٺ ڪان مٿي گيت رڪارڊ ٿيل آهن. اِن

✍ ڪجھ خاص رايا .....

شيءِ اَچائن سان گيتڪار گووندا لاءِ.

پيشڪش: ڳُرل اين. ڪيماڻي، سنڌونگر - ٣

غزل



١. گيتڪار گووندا جي لکڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
سندس هر شعر کي جوڙڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

٢. اَڄ هر لب تي آ، گيتڪار گووندا جو نالو،
ڇو جو سندس ملڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

٣. اَچي رونق ڪوي سميلن ۾، هن جي اَچڻ سان،
جو سندس جي شعر پڙهڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

۴. هر شعر هن جو، هڪ ڏينهن ڇُهندو آسمان کي،
جو سندس قلم جي اُڏامڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

٥. هر عادت ۾ آهيان مان، ساقي شراب آڻي ڏي،
دُنيا کيل تماشو لکڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

٦. ڪتاب ڇپائي ته تو هر ڪو، ۽ مهورت به ڪرائي
پر هن جي مهورت ڪرائڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،

٧. اَچو ته ڏيون واڌايون، هاڻ بي شمار هن کي،
جئن چوي'ڳرل' واڌاين ملڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ.

★★★

سنڌونگر جي شاعرن مان هڪ ناميارو شاعر گيتڪار گ وندا پنهنجو مقام شاعريِ کيتر ۾ اوچو پاتو آهي. اُن جو ڪارڻ سندس ويچارن جي اونهائي سان گڏوگڏ ٻوليءَ ۾ سرلتا ۽ روانگي آهي. هن شاعر ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجو نالو شاعريءَ جي چاهڪن جي دلين تي گهرو رنگ ڄمايو آهي. سندس قلم مان نڪتل ڪتاب (١) هر عادت ۾ آهيان مان (٢) ساقي شراب آڻي ڏي (٣) دُنيا کيل تماشو. لوڪن ۾ بهترين

شُڪرگُذاري

مان گيتڪار گووندا شُڪر گُذار آهيان سنڌونگر سهيلي سنسٿا جي فائونڊر، سٽي رائيٽرس ڪلب جي اَئڊوائيزر، اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا ۽ سنڌو اَدبي سنگت جي روح روان ۽ سنڌونگر ڪان سواءِ ڪيترين ئي سنسٿائن سان جُڙيل، پروفيسر دادي مينا گوپ روپچنداڻي جو جنهن وَٽ مان نڪرندڙ نئين گيتن، غزلن، رُباعين، شعر -و- شاعري جي ڪتاب **’آهيان مُسافر‘** جي مُهاڳ لکائڻ لاءِ ويس.

دادي مينا روپچنداڻيءَ هِڪ دفعي چوڻ سان ئي پنهنجو قيمتي وقت وجائي هن شاعر- گيتڪار جو قدر ڪري مونکي **’آهيان مُسافر‘** ڪتاب لاءِ سُهڻي نموني مُهاڳ لکي ڏنو.

پاڻ شاعرا- ليکڪا هوندي بہ هن شاعر جو قدر ڪري مُهاڳ لکي ڏنو جنهن لاءِ داديءَ بيشمار ڪيرون لهڻيون .

گيتڪار گووندا

کجھ خاص رايا .....

شپ اَچائن سان گيتڪار گووندا لاءِ.

پيشڪش: ڪُرل اين. ڪيماڻي، سنڌونگر - ٣

غزل



١. گيتڪار گووندا جي لکڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
سندس هر شعر کي جوڙڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٢. اَڄُ هر لب تي آ، گيتڪار گووندا جو نالو،
ڇو جو سندس ملڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٣. اَچي رونق ڪوي سميلن ۾، هن جي اَچڻ سان،
جو سندس جي شعر پڙهڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٤. هر شعر هن جو، هڪ ڏينهن ڇُهندو آسمان کي،
جو سندس قلم جي اُڏامڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٥. هر عادت ۾ آهيان مان، ساقي شراب آڻي ڏي،
دُنيا کيل تماشو لکڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٦. ڪتاب ڇپائي تہ تو هر ڪو، ۽ مهورت بہ ڪرائي
پر هن جي مهورت ڪرائڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ،
٧. اَچو تہ ڏيون واڌايون، هاڻ بي شمار هن کي،
جئن ڇوي 'ڪرل' واڌاين ملڻ جو، اَنداز ڪُجھ اور آ.

★★★

سنڌونگر جي شاعرن مان هڪ ناميارو شاعر گيتڪار گووندا پنهنجو مقام شاعريِ کيتر ۾ اوچو پاتو آهي. اُن جو ڪارڻ سندس ويچارن جي اونهائي سان گڏوگڏ ٻوليءَ ۾ سرلتا ۽ روانگي آهي. هن شاعر ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجو نالو شاعريءَ جي چاهڪن جي دلين تي گهرو رنگ ڄمايو آهي. سندس قلم مان نڪتل ڪتاب (١) هر عادت ۾ آهيان مان (٢) ساقي شراب آڻي ڏي (٣) دُنيا کيل تماشو. لوڪن ۾ بهترين

شُڪرگُذاري

مان گيتڪار گووندا شُڪر گُذار آهيان سنڌونگر سهيلي سنستا جي فائونڊرِ، ستي رائيٽرس ڪلب جي اَئڊوائيزر، اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سَڀا ۽ سنڌو اَدبي سنگت جي روح روان ۽ سنڌونگر ڪان سواءِ ڪيترين ئي سنستائن سان جُڙيل، پروفيسر دادي مينا گوپ روپچندا ڻي جو جنهن وَٽ مان نڪرندڙ نئين گيتن، غزلن، رُباعين، شعر -و- شاعري جي ڪتاب **'آهيان مُسافر'** جي مُهاڳ لکائڻ لاءِ ويس.

دادي مينا روپچندا ڻيءَ هِڪ دفعي چوڻ سان ئي پنهنجو قيمتي وقت وجائي هن شاعر- گيتڪار جو قدر ڪري مونکي **'آهيان مُسافر'** ڪتاب لاءِ سُهڻي نموني مُهاڳ لکي ڏنو.

پاڻ شاعرا- ليکڪا هوندي بہ هن شاعر جو قدر ڪري مُهاڳ لکي ڏنو جنهن لاءِ داديءَ بيشمار ڪيرون لهڻيون .

گيتڪار گووندا

نظم ھجي يا ھجن گيت غزل گيتڪار گووندا اِن ڪيتر ۾ هِڪ ڇاتل سُڃاتل شخص اَديب فنڪار آهي. هن جي هر گيت جي هر ڪڙي شاندار جاندار ۽ مضبوط هوندي آهي ۽ هن جو مُشاعري ۾ پُڙهڻ جو اَنداز سڀني کان هڪدم نرالو هوندو آهي. هر ڀاشا ۾ سرلتا، سچائي ۽ اَڄ جي حالتن تي شعر، گيت لکندو آهي. هن جي ڪُجھ مشهور گيتن تي لوڪن جا پير نچڻ لڳندا آهن. چوندا آهن تہ ڪنهن جو بہ کيل ڪاريہ لکندو ڪونہ آهي. هن کي ڪيترين ئي سنستائن پاران نوازيو ويو آهي. ٢٩.٢.٢٠١٢ گولڊن جُبليءَ جي موقعي تي اُلھاسنگر جي سنڌو يوٿ سرڪل پاران هن شاعر کي هن شهر جو مشهور گيتڪار ڪري گھوشت ڪيو ۽ هن کي ٽرافي، ڏُشالا ۽ ڪيترن اِنعامن ، اقرارن سان نوازيو ويو. هن جي شاندار ستڪار سنمان ڏسي هر شهرواسي توڙي وينل درشڪ توڙي ايشور بہ دنگ رهجي ويو هو. وڌندا رهو گيتڪار گووندا. اَڃان بہ اَڳتي اَڳتي. جئہ جھوليلال.

ايشور بصرمل بچواڻي

★★★

سنڌونگر جي مَشهور مصروف شاعر، اَداڪار جنهن پنهنجي سڃاڻپ ئي گيتڪار سان ڏني آهي. سو سُپاويڪ توهان بيتابيءَ سان ڄاڻڻ چاهيندا تہ اِهو فنڪار ۽ دلبر دوست ڪير آهي. اِهو آهي سنڌي ساهتڪ جڳت جو پرسڌ شاعر گيتڪار گووندا.

گيتڪار گووندا لاڙڪاڻي جو هِڪ مُحبتي شاعر آهي. شاعري سندس شوق، لکڻ سندس فطرت آهي. سندس لکڻ جو اَنداز ، فن نرالو آهي. جيڪو هن جي گيتن ۾ بخوبي نظر اَچي ٿو.

شاعري قدرتي ڏات آهي جيڪا سڀني شاعرن کي عطا نہ ٿيندي آهي. پر گيتڪار گووندا خوش نصيب آهي جو ڏاتار کيس اِها ڏات بہ بخشي آهي. گيتڪار گووندا نہ صرف سنڌيءَ ۾ ناياب غزل ۽ گوناگون گيت قلم بند ڪري سنڌي ساهتيہ کي مالا مال ڪيو آهي بلڪ سنڌيءَ سان گڏوگڏ هندي،

ثابت ٿيا آهن. گيتڪار گووندا هڪ لڪل لعل آهي. هن ساهتيه جا گهڙا پريا آهن ۽ هنن پاٺڪن جي دلين تي ڇاپ ڇڏي آهي. تنهنجو مٺڙو ڪو سٺرو ڪم نه آهي. پريم ۽ شڀ اِڇائن سان

پروفيسر پي.بي. تيجوجا 'پريمي'

★★★

ناياب هيري جي پرک صرف ۽ صرف جوهري ئي ڪري سگهندو آهي. اُهي سنسٿائون مهان آهن. جن گيتڪار گووندا کي سچ پچ هيرو سمجهي سنمانت ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتابن، ڪئسيٽين، پرائيوٽ

البمن ۽ فلمن ذريعي سنڌي سماج کي گيان جا گهڙا پيري ڏنا آهن. هن جي گيتن، غزلن، شعرن ۾ پوري پوري پڪڙ هوندي آهي. مُشاعري ۾ هِن کي ٻُڌڻ لاءِ درشڪ آتا هوندا آهن. اهڙي مقبول شاعر لاءِ مان اِيشور در پرارٿنا ٿي ڪريان ته هميشه سندس مٿان ڏٽيءَ جي مهر ٿيندي رهي. شال ڪڏهن به وار ونگو نه ٿيس ۽ سيني جون دعائون ڪٽندو رهي. جيڪا ماتا سرسوتيءَ سندس قلم ۾ ڪَلا بخشي آهي اِها هميشه برقرار رَهي.

پارتي گوڪلاڻي 'پارتي'

★★★

مشاعرن ۾ پاڻه وڻندڙ شاعرن ۾ هڪ ڪلمڪ، نهٺو، نماڻو، ملنسار ۽ مٺي زبان وارو چهرو سامهون اچي ويندو آهي، اُهو آهي گيتڪار گووندا. ورلي ڪو مشاعرو هوندو جنهن ۾ گيتڪار گووندا ڪنهن مجبوريءَ سبب نظر نه ايندو هوندو. سٺي گيتڪار هئڻ سان گڏ هڪ مذاقي شاعر پڻ آهي. سندس شاعريءَ ۾ شاندار تڪبندي ۽ وڻندڙ مذاق ڀرپور ملندو آهي. ڪيس ڪيترائي اِنعام اڪرام پراپت ٿيا آهن. سندس گيتن ۽ شعرن جون ڪيتريون سيڊيون ۽ ڊيوڊيون نهيل آهن . سندس گيت ڏاڍا مشهور آهن ۽ ڪيترن فلمن، مئگزنن ۽ اخبارن ۾ پڻ شايع ٿيل آهن.

پروفيسر شهداپوري گيان 'پدم'

پريزيڊنٽ: سنڌو سماج پئنچات ٽرسٽ (رجسٽرڊ)، اُلهاسنگر-۴

پريزيڊنٽ:سنڌو اَدبي سنگت، اُلهاسنگر

فائونڊر: مڊٽائون سينيئر سٽيزنس ڪلب -اُلهاسنگر

★★★

مان شاعر ڪونہ آهيان پر پرتويءَ جي شروعات سنگيت سان ٿي هُئي جنهن کان سواءِ زندگي بي رنگي پئي رهندي هُئي. اُن ۾ رنگت پرڻ لاءِ شاعري اُنجو پهريون ڏاڪو آهي. هر شاعر، گيتڪار جي دل جي اَندر تهن ۾ هڪڙو سنگيتڪار هڪيو تڪيو حاضر هوندو آهي جيڪو گيتڪار کي پنهنجا حساس دل جا اَحساس ظاهر ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيندو آهي. نہ تہ شاعر جا اُڌما اَندر جو اَندر ۾ پيا اُٿلجندا پُٽلجندا آهن ۽ گيتن کي ٻاهر نڪرڻ جي راهہ ڪونہ ملندي آهي.

گيتڪار گووندا جڏهن بہ مونسان هوندو آهي ۽ محفل مچائيندا آهيون (پوءِ پلي ٻن ڇڻن جي محفل ئي سهين) تڏهن مونکان نثر وسري ويندو آهي. چو جو اُن محفل ۾ گيتڪار گووندا جي گيتن، غزل، نغمن جي رنگت پرجي ويندي آهي. هڪ هنڌ ئي ويني ويني ڪي ئي مئخانا پيا گُهمندا آهيون. ساقين سان اَکيون ملائيندي جام مٿان جام پيئندا رهندا آهيون. گيتن غزلن کان سواءِ مرثيا بہ پڻ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

گيتڪار ۽ سنگيتڪار جڏهن پاڻ ۾ هڪ ٿي ويندا آهن تڏهن دُنيا جا ڏُک درد دفع ٿي ويندا آهن ۽ اوٺايون اوجهل ٿي وينديون آهن.

هري پنڪج

★★★

گيتڪار گووندا ۽ مان شام ڇُگهہ ننڍي هوندي جا دوست آهيون. اَڪثر گڏ گُهمندا آهيون. جيئن تہ مان هن سان گڏ سنڌو يوٿ سرڪل جي ۽ ٻين اَدبي بئنڪن ۾ ويندو آهيان اُتي اَدبي بئنڪن ۾ جيڪا شاعراڻي محفل مچندي آ، اُن ۾ ڪافي سنا شاعر پنهنجي پنهنجي شاعري ٻڌائيندا آهن پر گيتڪار گووندا پنهنجي ٻُلند آواز ۾ جيڪا شاعري ۽ گيت غزل ٻڌائيندو آ مان تہ ڇا پر سَڀ شاعر هن جي واهہ واهہ ڪندا آهن. اَهڙي مقبول شاعر لاءِ ڇا چوان. ڪٿان بہ چار اَکر ٻُڌي سڄو گيت ٺاهي ڇڏيندو آهي. قدرت ڪيس لکڻ جي ڏات بخشي آهي. اُها شل سدائين قائم رهي.

شيوا ۾
شام ڇُگهہ

★★★

اُردو، مرهٽيءَ ۾ پڻ گيت لکي گونج پيدا ڪئي آهي. ايترين ٻولين ۾ لکي هن شاعر هن سنڌي سماج جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. نه فقط ايترو پر هن جا شعر و شاعريءَ تي ٽي ڪتاب، پرائيوٽ آلبم ۽ فلمن ۾ گيت ۽ سنڌي فلمن ۾ بهترين اَداڪاري ڪري پنهنجو جوهر ڏيکاريو آهي.

اَسان کي گيتڪار گووندا جي سنڌي، هندي، اُردو، مرهٽيءَ ۾ ڏنل لاثاني يوگدان لاءِ سنڌي سماج کي فخر ۽ ناز آهي. مان چاهيندس ته ڀارت سرڪار گيتڪار گووندا کي سنڌي ، هندي، اُردو ۽ مرهٽي ساهتيه ۾ نظم ۾ ڏنل اَنمول يوگدان خاطر ”پدم شريءَ“ جو خطاب عطا ڪري هن شاعر جي حوصلي اَفزائي ڪري ۽ سنڌي سماج جو جَسُ کٽي.

ڊاڪٽر شيام ٻنيجا ”بيقرار“
وشيش ڪاريه ڪاري اَڌڪاري
سنڌونگر، ضلع - ٿاڻا (مهاراشٽرا)
تاريخ: ۴-۲-۲۰۱۴

★★★

گيتڪار گووندا- سنڌي اَدب جو شئليندر صاحب!!!!

مونکي بيحد خوشي ٿيندي آهي جڏهن به گيتڪار گووندا جي شاعري ٻڌندو آهيان يا مونکي پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي. اڄ هندي فلمن جو مهان گيتڪار شئليندر صاحب حيات نه آهي پر گيتڪار گووندا شئليندر صاحب جون سڪون لاهيندو آهي.

گووندا جي شاعريءَ ۾ گهرائي آهي، ويچار مضبوط آهن ۽ سندس پيش ڪرڻ جو اَنداز پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

پاڻ هڪ لاطمع انسان آهي. سندس گهرجون تمام ٿوريو آهن ۽ ٿوري ۾ ئي خوش رهندو آهي. پرماتما کيس هڪ انوکي ڏات ڏني آهي جنهن سان سنڌي ساهت جا گهڙا ڀريندو رهندو آهي. پرماتما کيس وڏي اورجا ڏيندو.

سريچند ڪي گُرناڻي
(اَئڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ)

★★★

بابا شيو اداس درٻار (رتوديرو)
جا گيت، پاڇن ۽ آرداس

مان جڏهن بہ گيتڪار گوونداجي ڪويتا يا شعر پڙهندو آهيان يا ٻڌندو آهيان تہ مونکي اَميتاب بچن جي پيءُ شري هريونشراءِ بچن جي ڪويتا ''مڌوشالا'' ياد اَچي ويندي آهي. جنهن ۾ فرق صرف ايترو ڏسڻ ۾ ايندو آهي جو گيتڪارگوونداجي گيتن ۾ نہ فقط پيار جو نشو هوندو آهي پر مذاق جو بہ لطف هوندو آهي. گيتڪار گوونداجي سياءُ ۾ جيڪو مون پيار يا پريم ڏٺو آهي جنهن ۾ نہ فقط هڪ پريم جي سچائي هوندي آهي پر اُنهيءَ مان هِڪ نريئتا، نرليپ ۽ نشڪام پاونا جي خوشبوءِ پڻ ايندي آهي. ساڳ ساڳ مان اِئين بہ چوندس تہ هِنَ ۾ نسوارٿ ۽ پيار جي پاونا بہ ڪُوٽ ڪُوٽ سان تمام پريل آهي.

اَسانجي هم لوگ سرڪل ديش متر اِنعام ۲۰۱۴ ۾ اڪل پارٽ مان ڪويتائون ، چٽا پيٽيءَ لاءِ گهرايون ويون هيون جنهن ۾ هن جي مذاقي ڪويتا عنوان 'متر مان نہ ڪِنِ' تي ٽن ججن جي گڏيل ڏنل مارڪُن جي جوڙ ڪان پوءِ هن کي ديش متر اِنعام ۾ پهريون اِنعام رقم رُپيا ۵۰۰ ڏئي ظاهر ڪيو.

مان اِئين چاهيندسُ تہ گيتڪار گوونداپنهنجا گيت گُنگُنائي ماڻهن کي وندرائيندو رهي ۽ اَڃان بہ ترقيءَ جي راهہ تي هلندو هلي .

اِندرلعل سوماڻي 'ويراڳي'

هم لوگ سرڪل - جنرل سيڪريٽري

★★★

گيتڪار گوونداجنهن جي گيتن ۽ اُن تي ٺهيل گيتن جو جيترين ڏُنيون مشهور ٿيون آهن، ورلي ٻئي ڪنهن گيتڪار جون ٿيون هونديون.

سندس شاعري، رُباعيون، غزل، ڪلام ۽ گيتن جا بہ ڪافي آلبم پڻ نڪتل آهن. هي سنڌي پهريون شاعر آهي جنهن جي گيتن جون ڪئيسٽيون نہ صرف سنڌي پر هندي، اُرڊو، مرهٽيءَ ۾ پڻ نڪتل آهن ۽ سندس گيتن ، غزلن رُباعين جا ڪافي ڪتاب پڻ نڪتل آهن، سندس لکٽي سؤلي دل کي ڇهندڙ ۽ چُپندڙ آهي. هوُ ضيا ۽ پارٽي کان پوءِ عام جو شاعر ۽ گيتڪار آهي. جڏهن پاڻ گيت يا غزل ڳائڻ - ٻڌائڻ لاءِ منچ تي ايندو آهي تہ ڪَنَ کڙا ٿي ويندا آهن، ٻولي سڌي آواز ۾ وزن ۽ لرزش هوندي آهي جيڪا سڌو دل کي ڇُهي ويندي آهي.

سنڌو يوٿ سرڪل کيس بيسٽ گيتڪار جي اَوارڊ سان پڻ سال ۲۰۱۲ ۾ سنمانت ڪيو هو. اَهڙي گيتڪار لاءِ مُنهنجون شُڀ اِڇائون.

سندر ٻنگواڻي

سنڌو يوٿ سرڪل - جنرل سيڪريٽري

★★★

بابا هرنامداس صاحب (رتوديرو)

شيواداس دربار - لوڙهي وارا بابا، سنڌونگر- ٣.

ڪنجي ويندءِ، مِنجي ويندءِ ، تُنهنجون سَزائون،
ونندو اَچُ تون بابا هرنامداس جون دُعائون.

١. بد دُعا نہ ڪَرُ ڪنهنجي، ڪر سيني تي رحم،
رحمت توکي تاريندءِ، ڪنجي ويندُءِ ڪرم،
بابا توسان ساڻُ آ، چا ڪندا نانگ بلائون،
ونندو اَچُ تون بابا ....

٢. چا راجا چا رَنڪ سيئي، هِنَ در جا ٿي سپاهي،
وڏِي وڏائي آ گُرن جي، آ هِنَنِ جي شهنشاهي،
جو بہ سوالي آيو در تي، پئي سيني کي ڏنائون،
ونندو اَچُ تون بابا ...

٣. شيواداس جو دَر تي پيارا لهندَءِ سَڀُ مونجهارا
لنگڙا ڊڪون پائن هيتڙي، اَنڌڙا ڏِسن نظارا،
ڦڪيون فقيرن جون ڦڪ تون، 'گووندا' چڱ دوائون.
ونندو اَچُ تون بابا ...

بابا شيواداس دربار (رتوديرو)

اُلهاسنگر - ٣.

رڪارڊنگ ٽيل : ڳايڪ - وپن شيواڻي

ڳرو نانڪ جي گهروني هلڻ لاءِ، هڪ ئي راهہ ڳذر تي،
هي شيواداس جو در تي، هي مُراري داس جو در تي،

١. ڪَمَ ڪري تو سڀ جا جيڪو، واهہ وسيلو واهہ ڳرو
پاپ ڪٽي تو سڀ جا جيڪو، هڪ ئي آهي واهہ ڳُرو،
سُکڙا ڏيئي تو دُکڙا لاهي، هي وشنداس جو در تي،
هي شيواداس جو در تي .....

٢. جيڪو جُهڪي تو هن در تي، تنهنجو بابل ٽئي تو راکو
سُمرن ڪن جي تن من سان، تنهن کي رهي نہ ڪوئي جوکو،
ڀڳتي جو رسُ هتڙي ملي تو، هي منوهرداس جو در تي
هي شيواداس جو در تي .....

٣. لاهہ ڳناهن جو بوجو، 'ڳووندا' تي وڃ هلڪو،
سچ جي روٽي ڪارائيندءِ، سچ جو ڏيندءِ ڦلڪو،
رام نام ستنام جپ، هرنامداس جو در تي،
هي شيواداس جو در تي .....

بابا شيواداس - اَرداس

شيواداس دربار (لوڙهي ﷺ) اُلهاس نگر - ٣.

تنهنجي در تي آئي آهيان، ڪٽي اِها اَرداس،
خالي جهولي ڀرجو مُنهنجي، بابا شيواداس.

١. جنتر، منتر، ڪين ڪي ڄاڻان، هڪڙو تنهنجو در سُڃاڻان،
داسي تنهنجي در جي آهيان، ڏجو چرنن جي پياس.
خالي جهولي ڀرجو ....

٢. هي در ڇڏي ڪاڏي وڃان، پيرو نه پڇان، پيرو نه پڇان،
قبوليو مونکي خوشي توهانجي، ڇا پِنڪان بنواس،
خالي جهولي ڀرجو ....

٣. ڪلهه به ڏِنو هُيئَہ اَڄ به ڏنو تي، خالي بابا ڪين رکيو تي،
مان ٻِڪارن در تُنهنجي جي، پورن ڪجو آس.
خالي جهولي ڀرجو ....

٤. راڄ پاٽ مان ڪين گُهران، نام ’گووندا‘ مان سُمريان،
صدقي وڃان توتان بابا، پل ڇنڊ هجي يا اُماس.
خالي جهولي ڀرجو ....

بابا شيواداس دربار

سنتونگر - ٣ (رتوديرو)

عِئب نہ ڏِسجائن، ڏوھہ نہ ڏِسجائن، تون ڏِسجائن نہ بُرايون،
بابا شيواداس ڏَڪجائن، تُنھنجي در جا نؤڪر آھيون.

١. پاپ ڪيا اَٿم، ڪوڙ چيا اَٿم، ڪيئن ملنديِ اِنصافيِ،
مان توھانجي شَرڻ پيو آھيان، معافيِ ڏِجو معافيِ،
بابَل ٻُڌجائن، مُنھن نہ موڙِجائن، ڪَجائن نہ جُدايون.
بابا شيواداس ڏَڪجائن.........

٢. جي تورَ تڪيندين عئبن جيِ، پوءِ پورو مان نہ پَونڊُسِ،
ھا ڪھڙو مُنھن کڻيِ مان آخر، خُدا جي سامھون ويندُسِ،
بس رام نام جو سُمرن ڏي تون، تِينديون سيئيِ سَٽايون
بابا شيواداس ڏَڪجائن.........

٣. ڪورو ڪاٻرُ آھيان مان جَڻُ، ڪورو ھاڻ نہ ويندُسِ،
تُنھنجي سنگہ جي رنگہ ۾ بابل، مان بہ رنگجي ويندُس
”گووندا“ رنگجي ميران‌ڪرشڻ، آسان بہ پاڻُ رنگايون،
بابا شيواداس ڏَڪجائن........

آزاد نظم

سنڌين جو اِشٽ ديو

ديوڪيءَ ماءُ جو پيارو،

ورڻ ديو اوتاري ،

سائين اَمرلعل رتنراءِ رتناڻي

آزاد نظم

ذائقو...!

اَنب ساڳيا
پَرَ....
ذائقو بَدِليل
مُند ۾
مِٺا مِٺا پيا لڳندا هُئا
کائيندو هُيُس
پيو چوسيندو هُيُس
مجالا جو ڇَڏيان
ڳرڪائي ويندو هُيُس
وار بہ ڪکڙيءَ جا
بدن تي
ڦُرڙيُون بہ نکرنديون هيون
پر ... هاڻِ
نہ اُهي اَنب آهن
نہ ڪکڙيءَ جا وارَ
شايد......
اِئين بہ آهي تہ
اَنب ساڳيائي آهن
پر ... بدليل آ
ٻُڍاپي ۾...... ....
مُنهنجي وات جو.....
ذائقو !!!



آزاد نظم

ناسودو

مون گارِ ڏني
مان ڪليُم پئي.....
مون ٻُجو ڏِنو
مان ٺهڪُ ڏِنو...
مون پنهي هٿَيِنَ ٻجا ڏِنا
مان نچڻ لڳُمُ
هوُ خاموش ٿي
نِهارڻ لڳو...
مُنهنجي مُشڪندڙ چَهري کي
ڇيائين ڇا ٿيو
ڇيومانس....
ڪُجهه بہ نہ
ڇيائين ڪُجهه بہ نہ
ڇيومانس..
ڪاٿي آهن ٻُجا
ڪاٿي لڳي گارِ
پنهي هٿن سان
پنهنجا وار پٽي
مونکي ....
ناسودو ڇڏي رَمندو رهيو.... !!!

آزاد نظم

سگهہ ڏي بدن ۾......!!

هلئون پيا ٿا....
منڊن وانگر
ٿابڙجوُن ٿا.....
اَنڌن وانگرُ
ياجي ڪپڙن ڪيريوُن......
گنڊن وانگرُ
پيا شوُڪي نِهاريون........
ڏارين وانگر
نہ سگهہ رهي گوڏن ۾
نہ ديد رهي اَکين ۾
نہ طاقت رهي ڏندن ۾
رِهيو لَهِر لوڏو بدن ۾
پُڙيون وئدن جون......
گوريون ڊاڪٽرن جون.....
ساري عُمر......
پاپ ڪوڙ ڪَمائي
موٽ مهل پيا گهُرئون
اۓ مالڪ
سگهہ ڏي سگهہ ڏي
سگهہ ڏي بدن ۾.........!!!

آزاد نظم

ڪَرِمَنِ جو دائرو.....!!

اَڙي اَڙي اَڙي
ڪنهن کي تو پٽڙ هٽين
ها.....
هُن ڇَرئي کي
ڇَرِيو توُن ڪِنَ هوُ،
ياد رَکُ
ڦِرندُءِ وَقتُ
ماڻهوُن
توکي ئَي ڇرِيو ڇَريو ڪَري
ڇڏيندءِ.....
ڪريَل پٽڙ
تُنهنجا ئي توکي !!!

آزاد نظم

سنڌي ايئرلائينس... !!!

ڪئپٽن

سنڌي ايئر لائينس جي هوائي جهاز ۾

توهان سڀني جو....

هاردڪ هاردڪ سواگت آهي

اَسانجو جهاز اُڏام ڪندي ئي.....

هڪ ڪلاڪ ڏهن منٽن ۾

جئپور پهچندو

وري لڪجي آيو

جهاز اُڏام ڪرڻ وارو آهي

مهرباني ڪري پنهنجا پنهنجا پٽا پايو

جهاز اُڏام ڪندي ئي

ايئر هوسٽيس جي سيوا جاري ٿي وئي......

مسٽر اَشوڪلعل ڪرپلاڻيءَ

ايئرهوسٽيس ڏانهن مُشڪي نهاريو....

ايئر هوسٽيس جئہ جهوليلال

پائو ڪهڙي سيوا ڪريان

آزاد نظم

شهر جي بجيٽ ...!!!

ميونسپل جي بجيٽ
شهر ۾ ايندڙ ميري پاڻيءَ وانگر
بلڪل... صاف سُٿري آهي
نوان رَستا ۽ شهر ۾ پيلَ رَستَن تي ڪڏا
سالن جا سال پيا ٺهندا رهندا

پرويش دوار.......
سماج مندرن لاءِ به.........
آتاهه..... ڏن رکيو وَيو آهي
جيئن ته شهر ۾ .... ڪوبه شخص
ڊينگو چڪن گُنيا مليريا جو......
شڪار نه ٿئي......

اُن لاءِ گهرايون وينديون.......
پاڻي صاف ڪرائڻ لاءِ.......
وديشن مان مشينون
توري ٽئڪس تورو وياج....
۽ وڏايو ويندو پاڻيءَ جو بل
ڪيو ويندو........ ....
ٿيهن جو سَنڌ
شهرواسيو........ ....
هن سال جي بجيٽ
نلڪن ۾ ايندڙ ميري پاڻيءَ وانگر
بلڪل صاف سُٿرِي آهي. !!!

آزاد نظم

اَپاهج شهر ...!!!

شايد ... .

هنَ شهر تي راڄ آهي
گونگن
ٻوڙن
اَپاهجن
اَنڌن جو ... .

رستن تي ڪڏا ....
بي قائدگيءَ جي ڀرمار......
نلڪن ۾ پاڻي ميرو ۽ بل اَڇو
چوريون زوريون خون ڌاڙا کُلي عام
لا آرڊر .... لاپتا
ويچارا ......
شهر سنڀاليندڙ
پاڻ کي سنڀالڻ ۾ پورا
ٽجوڙين ڀرڻ ... .
فوٽو ڪڍائڻ ......
۽ واهه واهي ڪرائڻ ۾ پورا
اَسانجا رحمدل شهرواسي
اُنهن تي رحم کائي
ور ور پيا اُنهن کي ڪٺائيندا آهن
لوڙيو .... لوڙيو .....
رحمدل شهرواسيو ..... لوڙيو !!!!

چا کائيندا ... .

آشوڪلعل ڪرپلاڻيءَ فرمايو ... .

چاپ چولا، مرچائي پڪوڙا، بيھہ جي ٽڪي، دال پڪوان

ھا ... . مٿان گرما گرم چانھہ جو ڪوپ بہ

ايئر ھوسٽيس شوپا نمرتا سان چيو،

پائو .....

توھان جھاز ۾ آھيو،

سنڌونگر جي

سيرو چوئنڪ تي نہ... !!!!

وڏو ماڻھوُ

مان ھي ڪيو
ھوُ ڪيو
مان مان جي ڏُن ۾ ھو پورو
ھوُ......
پنھنجي ڪپڙن ۾ ئي نہ تي ماپيو
تنھن تي ھڪ شخص
نمرتا سان چَيُس
تُنھنجي وَڏائي کھڙي ڪم جي
گرنٿ پڙھڻ سان ....
شاستر پڙھڻ سان ....
يگيہ ھوَن ڪرڻ سان ....
پئسا جوڙڻ سان ....
دُنيا جا سامان ڪٺا ڪرڻ سان ....
پلا ڪو
تيو آھي وڏو ماڻھو
ھا......
تون نئڙت نھنائي ڪَرِ
۽......
لڳي وڃُ غريبن جي شيوا ۾
پوءِ تون
پاڻ ئي سڏجندين .....
وڏو ماڻھو !!!

آزاد نظم

ڪرمن جي سزا

ڪي ئي پيڙائوُن
سرير کي پَيوُن ستائيِنديون آهن
مُسڪرائي
ڪيپائي
مُنهن گُهنجائي
خوشيءَ خوشيءَ سان ....
قبول ڪندو آهيان
اِهي پيڙائون تڪليفون
فقطءِ فقط
مونسان ناهِن
ڪي تہ ويچارا ....
چيچلائِيندا آهن
روئندا رڙندا آهن
مرڻ جو نانءُ نشان بہ
ڪونہ هوندو اُتِن
سالن جا سال پيا .....
بستري تي لوڙِيندا آهن،
مُنهنجون پيڙائون
تُڇ آهن
ذرو آهن،
پيڙائوُن پيڙائون نہ
اِهي آهن مُنهنجي
ڪرمن جون سزائون.... !!!

آزاد نظم

چنڊو چوڪرو....!!!

هڪ

چنڊو چوڪرو
براهمڻ وٽ
بابا....
مونکي شادي ڪرايو
چوڪري بلڪل چنڊ وانگر ڳهرجي
براهمڻ چيو ....
ڇا چنڊ وانگر گول متول
چوڪرو ... نہ بابا نہ...........
يلا چنڊ وانگر سهڻي هجي
چوڪرو ... نہ بابا نہ .....
براهمڻ چيو
ٻڌاءِ پوءِ چنڊ وانگر ڪيئن هجي
چوڪرو
بابا ....
بس چنڊ وانگر رات جو اَچي
ءِ......
چنڊ وانگر
صُبح جو هلي وَڃي.....

آزاد نظم

چاپلوسي...!!!

تُنهنجو خط مليو

پڙهيم

عزت پريا

پيار پريا

مونکي آسمان تي چاڙهائڻ وارا

ڪُجها لفظ

ڪي سوالا

تہ ڪي هُئا....

مُنهنجي سمجهہ کان ٻاهر

لکيل تُنهنجي خط ۾ هُئي

مِناڻ مِناڻ مِناڻ

جِن لفظن مونکي

ٿوري وقت لاءِ

ڊائبٽيز جو مريض ڪري ڇڏيو

پريم پيار کان وڌيڪ

تُنهنجي خط ۾ هُئي

ڪَيَل مون لاءِ......

چمچاگيري

۽ ....

چاپلوسي .... !!!



مُڙس جي ماني ڪائڻ ڪان پوءِ
زال چيو
ڊنر ڪاڏوَ مَزو آيو
مُڙس چيو....
منجھند آهي منجھند
منجھند واري مانيءَ کي لنچ چئبو آهي
تنهن تي زال چيو...
راتوڪي بچيل روٽي گرم ڪري ڏِني مانوَ
اُن کي تہ ڊنر ئي چئبو نہ.....!!!

آزاد نظم

ڊنر...!!!

مُڙس
اَڄ پڙهيل زال کي
اَنگريزي سيکاريندي
ڪويتا....
صُبح جو ناشتي کي.....
بريڪ فاسٽ

منجهند جي مانيءَ کي .....
لنچ
ءَ .....
رات جي مانيءَ کي .....
ڊنر چئبو آهي
زال ....
ها بابا ها سَمجُهم
ڇڏيو هاڻِ بک لڳي آهي
توري دير کان پوءِ
زال مُڙس کي
هيڏانهن ٻُڌو تا
اَچو ماني کائو

خراب آهن تہ تُنهنجا ڳرهہ
اُن مطابق
ڏنيون آهن مان توکي
اُنهن ڳرهن جون
پڙيءَ ۾ ....
ڳاڙهيون سايون، اڇيون ڪاريون ۽ بلو
ڳوريون
مريض ڊاڪٽر ڏانهن گهوُري نهاريو
۽ چيو ....
ڊاڪٽر صاحب
توهان ڊاڪٽر آهيو
ڪِ
جوتشي....!!!

آزاد نظم

ڳرهڻ جون ڳوريون...!!!

ڊاڪٽر جي صلاح سان
لڪيل ٽيسٽون
ڪرائي آيو مَريضُ
ڊاڪٽر رپورٽون ڏِسي
ڏنو مريض جو هٿُ
اُن مطابق...
ڏِنيون مريض کي
ڳاڙهيو....
سايون....
اَڇيون.....
ڪاريون

۽ .....
بلو ڳوريون
مريض ڊاڪٽر جو بل چُڪائيندي
ڊاڪٽر کان پُڇيو
ڊاڪٽر صاحب رپورٽون ڪيئن آهن
ڊاڪٽر چيائين ... .
رپورٽون بلڪُل ٺيڪ آهن

آزاد نظم

اَسقلتا ۽ سقلتا...!!!

هلندو هلُ.....
هلندو هلُ
ڪندو رَهه اُڌمُ
زِندگيءَ ۾
سقلتا
اَسقلتا
آشا
نراشا
بيماريون
ڏُک سُک
تہ هِتِ لڳا ئي آهن
پر ....
خوشيءَ خوشيءَ
اِنهن کي ....
گلي لڳائيندو هلُ
پَک جاڻ
تہ....
اَسقلتا ۾ ئي سمايل آهي ...
تُنهنجي....
سقلتا... !!!!



آزاد نظم

نندو ڀاءُ...!!!

ڪنهن ڳالهه تي
مان
ننڍي ڀاءُ سان
ڏاڍو ڦيلو ٿيندي
غصو ڪندي
چيومانس.......
اَڙي گڏهه
هي ڇا ڪَيئہ
موت ۾
نمرتا سان
هٿ جوڙي
مونکي چيائين
ڀائو....
توهان تہ
وڏا آهيو...... ....!!!!



آزاد نظم

مورڪ اِنسان...!!!

هر پَلِ
پَلِ پَلِ
جيون وَڃي ٿو
پويان....
پويان ٿِيندو
تُنهنجي
عُمر وَڃي ٿي.....
گهٽجندي گهٽجندي
پوءِ بہ تون
ننڊ ۾ غلطان ٿي
مَرَڻ ڏِينهن بدران
ملهائيندو پيو رَهين
وڏي ڌام ڌوم سان
هرِ سالِ
جنم ڏِن جنم ڏِن جنم ڏِن !!!

HIGH SCHOOL

آزاد نظم

توشا...!!!

ها ڳڌھ
مان توکي
اِن لاءِ جڻيو ھو
اِن لاءِ توکي ....
پاليو پوسيو ھو
اِن لاءِ توکي پڙھايو ھو
اِن لاءِ توکي شادي ڪَرائي ھُئي
اِن لاءِ توکي
زمين جائداد
سَموري پراپرٽي لکي ڏني ھُئي
سَڀُ ڪُجھ.....
مِلڻ کان پوءِ
تو...
اِھو بہ باسي ڇڏيو
بابو مَري
تہ....
ورھايان
پڳڙيُن تي
توشا !!!

گيت، غزل ۽ نظمون

آمر شهید

سنت کنوررام صاحب



اَڄ ڪِرشنا...!!!

آلاپ:

ڪي ئي ڳُذريا وَرهيہ، ڏِني نہ تون ڪا سنتان،
اَڄُ ڪِرشنا تون ئي جنم وَٺي، يا ڇڏيان هي جهان

---

١. مان هنجوُن هاريان ، ها پئي توکي پُڪاريان،
تُنهنجي واٽَ نِهاريان، ها پئي توکي ساريان،
ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا، اَڄُ.... ڪرشنا.

٢. اَچي ماتا جي لاج رَکُ، هٿن يشودا هاج رَکُ،
عرضُ اِهو اَرداسَ رَکُ، گودِ مُنهنجيءَ پياس رَکُ،
ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا، اَڄُ... ڪرشنا.

٢. گوڪُل واسي اَڄُ تون هاٽي، مَٽڪي ويني سينو تاٽي
گوپيون گووندا ٽيون ڳائن، مکڻ مصري توکي چٽائن،
ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا، اَڄُ.. ڪرشنا.

اَڄُ ڪِرشنا، پوُري ڪَرِ تمنا...!!!!

كالَ جي كروڌ كان ...!!!

شعر:

سَريرُ تِيَڻو تي خاڪُ،
پو ڇا تي ڪَيو تي نازُ،
جوڙِ ڪَرِمَنِ جو بہ كاتو،
سِکُہ جيئڻ جو بہ اَندازُ.

كالَ جي ڪِروڌَ كان، كيرُ تو بچائي،
هِڪُ رامَ جو سُمِرن ئي، پار تو لڳائي.
كالَ جي ڪروڌَ كان ....

١. تو عُمرِ پئي جوڙِيا، سامان بہ كيڏا،
ها .. ڪِوليءَ هاتيءَ ۽ اُٺَ جيڏا،
ٽَكو، پئسو بہ، گڏُ كو، هلڻو ناهي،
كالَ جي ڪِروڌَ كان ....

٢. اَكيلو تون آيو آنَ، اَكيلو تي وَڃِڻو،
ياتي پِراتا، گڏُ كو، كونہ تي هلِڻو،
سُكَلَ، آلِيُن كانِيُن ۾، ٻَرِڻو آهي.
كالَ جي ڪِروڌَ كان ....

٣. جَمُ بہ تِيو، آ پَڪَ، موٽ بہ ايندو،
كَرِمَنِ جو ڇنو بہ، هِڪَ ڏينهن کُلندو،
هَوُ كرِمَنِ سَندو، سَڀ كي، سَزا پيو ڍُڏائي.
هِڪُ رامُ نام سُمرن ئي......

٤. گووندا نند مان، جاڳُہ تُون هاٽي،
اُٺُ توَن سَوَڙ مان، ناءِ، ياڳُ تون هاٽي،
مَري تہ سَڀ كي هِڪَ ڏينهن سُمهڻو آهي.
كالَ جي ڪِروڌَ كان ....



وقت

شعر: آلاپ

تو سچ چاڙهي، سچ لاهي،
جيڪو چنڊ کي بہ تو، چمڪائي،
بادل وَسڪارا، سڀ نَهر نديون،
تو پَلَ ۾ وَهائي، پَلَ ۾ سُڪائي.

وَقت وَڏو بَلوان پيارا، تي وَقت وڏو بَلوان،
پَلَ ۾ وَنايَئي دان پيارا، پَل ۾ ڪَرَئي ڏَنِوان.
وَقت وَڏو بَلوان پيارا ....

١. وَقِت بڻايا مَست ڪَلَندَرَ، ۽ مِٽايا ڪي ئي سِڪندر،
هِنَ پِتِڪايا ڪي ئي دَرَ دَرَ، مَحِلَ بڻايا کِنَ ۾ اوجَهڙ،
تو ڪَري اِشارا وَڄائي نغارا، پَهُچائي تو شمشان.
وَقت وَڏو بَلوان پيارا..............

٢. پيءُ جي هوندي پُٽ هليو آ، وَقِت شايَد اِهو لِکيو آ،
رازُ اُن جو ڪنهن نہ سَلِيو آ، سَڀ پنهنجي هَٿ ۾ رکيو آ،
تي پَلَ کِنَ جا جيوَن پَسارا، سؤ سالن جو سامان.
وَقت وَڏو بَلوان پيارا ....

هِتِڙي ڪَنهنجي هَلِٽي ناهي، پو بہ ماڻهوُ.چا تو چاهي،
تو کِنَ ۾ ناهي، کِنَ ۾ ڏاهي، ڏاهي وَرِي پيو تو بڻائي
وَقِت مداريءَ جا تي نظارا، ڪَرِ وَقِت جو ڳُڻِگان،
وَقت وَڏو بَلوان پيارا..............

ٽوڙيو رام راوڻ اَيمان....!

رام سان دِل جي لائيندين، پنهنجو ٻيڙو پارِ لڳائيندين،
جي رام سان پُٺي لڳائيندين، پنهنجو ٻيڙو غرقُ پائيندين
رام سان دِل جي لائيندين ....

١. رام ئي ٻوڙي، رام ئي تاري، تو رام ئي جيوَن سَنواري،
هليو اَچُ تون پيارا، هِن جي دُواري، نامُ پيو توکي پُڪاري،
جي سَتِنام جي ڌُني لڳائيندين، تہ گوتا ڪڏهن نہ کائيندين.
رام سان دِل جي لائيندين ....

٢. سُمرَنِ سان ٻَڌيو ، هرڪو مَهان، مِنو رامُ جَپي تَريو هنومان،
اَهنڪار جو نہ ڪو رَهيو نشان، ٽوڙيو رام راوڻ اَيمان،
جي پنهنجو بِرد سنڀاليِندين، وِشواسَ مان سِڀُ ڪي پائيندين.
رام سان دل جي لائيندين.....

٣. رام ئي جيوَنَ جو آ سارُ، هِڪ رامُ اَٿئَي سارو سنسارِ،
تِي وَڃُ ڪو تون نندڙو ٻارُ، لاهي ڇَڏِ پاپَن جو ٻارُ،
سيتا رام سان لِنوَ لڳائيندين، تہ 'گووندا' سُرڳہ پائيندين.
رام سان جي دِل لائيندين...............



وقت تي ڪم نہ آئي ياري...!

ڪائي پي مون ڪئي بَهاري،
لڳي وَئي ڪيسي ڪي ٻُهاري

1. جِنِ ڪي مون ڪارايو پيئاريو،
سا وَقِتَ تي ڪَمُ نَہ آئي يارِي.

2. مون ڪي ئي پيتا، ڏُنگ دارون ۽ جا،
آخر لڳي وَئي ڪا، اَنمول بيمارِي.

3. مصيبت ۾ سَڀُ ساٿُ ڇڏي ويا،
جِن لاءِ ڪئي هُئي، رنڌڻي ۾ تِياري.

4. جايوَن جڳهيون، سوُن وِڪيو مون،
نہ ڏسِهَڙو ملهيو، نہ ملهائي ڏياري،

5. بَدِ حفال ڏِسي، نونهر پُٽَ ڇَڏي وِيا،
۽ ڇڏي ويئي، مونکي رام پياري.

6. وِڇوڙي مونکي بڻائي ڇڏيو شاعر،
ڪَيان تو هاڻي، فِلِمُن جي تِيارِي.

7. گيتڪار گووندا مان مشهور هاڻي،
آهي پُنيانِ مُنهنجي دُنيا سارِي.

8. ڪائي پي نہ هاڻ مان ڪندُم بَهاري،
نہ تہ پائڻي پوندي، رستن تي ٻُهارِي.



رانوَلَ

آلاپ: اَکڙيوُن تَڪِجي پيوُن، تُنهنجي راھ تڪيندي،
هِڪُ آسِرو آ بس تُنهنجو، تون اِيندين اِيندين.

او رانوَلَ تُنهنجي راھ، نِهاريان مان،
دَرَ تُنهنجي ويني، توکي، پُڪارِيان مان،
او رانول تنهنجي ......

ها... ڪَڏهن تہ ايندين، ۽ ڏيندين دَرشن،
جهولِيوُن سايون ڪَندين، تيندو مَنُ بہ پرسَنِ
دَرَ تُنهنجي ويني هنجوُن، هارِيان مَان،
او رانوَلَ تُنهنجي...............

ها.... نرِڌَنَ کي بہ تون، گَنِجَ مان ڏِنا اِن،
بي اؤلادن کي بہ تون، هنجَ مان ڏِنا اِن،
او.. نِياڻيُن جا بہ سُهڻا، ڪارِجَ تو ڪَيِڙا،
بيمارَنِ لاچارَنِ تي، گهُمايا تو هٿڙا،
اوجهولڻ تُنهنجا تورا ڪيئَن، لاهِيان مان.
او رانوَلَ تُنهنجي .....

ڪَڏهن تَہ موٽي سِنڌِي، گهَرَ ۾ بہ اِيندو،
بارَنِ، پاڙي وارن سان، سنڌيءَ ۾ بولِيندو،
خوشيُن جا باجا پيا، گهَرَ گهَرَ ۾ وَجندا،
سِنڌي، سِنڌيءَ ۾ لِکندا، سِنڌيءَ ۾ پڙهندا،
او شل... 'گووندا' اِهو عَرِضُ اَگهايان مان،
او رانول تُنهنجي ....

اَهڙِي حُجَت نہ هلُ.....!

چوڪري: اَهڙِي حُجَت نَہ هلُ، مُنهنجا سُپرِين،
مان نَہ تي ڪَريان، تون ها ها تو ڪرِين.
اهڙي حُجَت نہ هلُ.....

چوڪرو: تُنهنجي مَست اَدائُن تي، تِيُم مان فدا،
تون چو تي ڪرِين مونکي، پاڻ کان جُدا،
مُون ۾ ڪهڙِي آ ڪَمي، جو نَہ تي ڪرِين
ڏِئي موڙا چِپَن، پُڻ پُڻ تي ڪرِين،

چوڪري: اَهڙِي هلِت نَہ هلُ مُنهنجا سُپرِين،
مان پري تي پَجان، تون ويجهو تو اَچين،

چوڪرو: ها اَکڙيون تُنهنجون ، تيز ترارُون،
ڪاجَل سُرمي سان، لڳن ڪجراريوُن،
چوڏِس چَنڊ وانگُر، پَئي چِمڪين،
پَنهنجي اَکين جو تارو، بہ نہ تي سَمجهين.

چوڪري: اَهڙِي غَفِلَت نَہ ڪَر مُنهنجا سُپرِين،
ڪري زورِي مونسانَ پيو، هٿُ پَڪڙِين.

چوڪرو: او ڳَلَ سُهڻي تُنهنجا تا تماٽا لڳن،
سُڄائين بوٽُ جڏهن تہ پيا پٽاٽا لڳن،
رَکي ڪنڌ ۾ ڪِلي، نَخرا تي ڪَرين،
سمجهين هوُرپرِي، آسمانُ اُڏين،

چوڪري: هتان پري تون هٽُ، مُنهنجا سُپرِين،

چوڪرو: ڪرِ وِهانوَ جَهٽ پَٽ، ڏاڍي تي وٽِين،

چوڪري: هاڻ ڇڏ مُنهنجو هٿُ، مُنهنجا سُپرين.

چوڪرو: ڪيئَن ڇڏيان مان هٿُ ڏاڍي تي وَٽِين.

ساري دُنيا مُسافِر خانو....!

آلاپ: لحاظ رَکُ، نصيبُ ناهِ، تون بي حياءُ نہ ٿي،
کَرِ سَچ سان بہ مُقابلو، هِکُ موت ئي سَچ ٿي.

ساري دُنيا مُسافرخانو، آهي دُنيا مُسافرخانو.
هِت ٻَري وَڃي ٿو ٻُنبَ ٻُنبَ، ٻري وَڃي ٿو ڪانو،
ساري دُنيا مُسافر خانو .....

١. راجا هَليو، نَہ رهيو فقير، هَلِيا پيرَ پاڳارا،
پورَس هَليو، نَہ رَهيو سِڪندرِ، لُٽجي وِيا لَشڪارا،
لَئلا ڪِٿي آ، ڪِٿي آ مجنو، نہ قارونَ جو خزانو،
ساري دُنيا مُسافرخانو ....

٢. مان مان سَڀُ مُنهنجو ڇئي، تو ميڙيو مالُ اِلائي،
جَڏهِن نغارو ڪالَ جو وَڄندو، توکي سِمَڪ نَہ پَوَندءِ ڪائي،
ڇڏِيندين ماڙيوُن، موٽَرِ ڪاريوُن، ڪو ساٿُ نَہ هَلندُءِ آنو،
ساري دُنيا مُسافرخانو ....

٣. منزِل آخِري آهي مَساڻو، هَلُ تَہ هَلئون هاڻي ئي،
مُردا ڏِسي هِنَ مَنَ کي ماريئون، پرِيوُ مِلندُءِ پاڻئي،
جَپِ مِنڙا 'گووندا' جيئري، هِڪُ ٻَڌِج تون هُنَ جو بانهو
ساري دُنيا مُسافرخانو ....

آهيان مُسافر....!

آهيان مُسافر هليو ويندُم مان،
گهڙي ---- ٻہ گهڙي، جيئڻ ڏي...... مونکي.
آهيان مُسافر ....

١. ساقي تُنهنجي مئخاني ۾، پيِڙ لڳي ڪيڏي،
پَهُتم هِت مان گُهمندي ڦرندي ، ڏِسُ قِسمِت مُنهنجي،
پَرِي... يان ذرَي، پيِئڻ ڏي...... مونکي
آهيان مُسافر ....

٢. چا ساقي تُنهنجي مئخاني ۾، شراب تي وَيو خلاص،
پوءِ خالي چو جامُ مُنهنجو، ٻُجهايان ڪيئَن مان پياس،
وَرَي.... ۽ وَري، پيئڻ ڏي.... مونکي
آهيان مُسافر ....

٣. ’گووندا‘ بعد موئَت جي، چا جنتِ ۾ ملندو شراب
اِيندي اُتي بہ ساقي، يا جنَت بٹبي خوابُ،
پرِي ... او پرِي، پيئڻ ڏي... مونکي،
آهيان مُسافر ....

بَس خُدا هوندو هوندو

تَڏِي هوا جو جهوُنڪو، هِڪ ڏِينهن لڳندو لڳندو،
آيو آ جيڪو، جڳ ۾، سو پڪ هلندو هلندو،

١. تازَنِ سَبِز وَڻن مان، گُل پَتا ڪِرندا ڪِرندا،
ڪي سُڪل وَڻَ بہ ڏِسجو، سي بينا بينا هوُندا،
مُرجهائِيندو هي گُلشن، تہ ڪَڏهن ٽِڙندو ٽِڙندو،
تَڏِي هوا جو جهوُنڪو ....

٢. اِيندي هِڪ ڏِينهن يارو، اَهڙي ڪا شامَ جُهڙالي،
نَہ هوُندي ٻانهن ساقي، نَہ هوُندي هٿَنِ ۾ پيالي،
جيڪو هو لُڏندو لمندو، سو چُپ هوُندو هوُندو،
تَڏِي هوا جو جهوُنڪو ....

٣. 'گووندا' تيز هوا بہ، ڪَفَن کي اُڏائي ويندي،
هلِيو آ اَديِب شاعر، هِڪ هِڪ کي ٻُڌائي ويندي،
رهندو نَہ ڪوئي هِتڙي، بَس خُدا هوُندو هوُندو،
تَڏِي هو جو جهوُنڪو ....

پرڇاڻي

جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ، مونکي مُنهنجي پَرِڇاڻي،
موٽَ کان پوءِ ٿيندي، خَتَم مُنهنجي ڪَهاڻي.
جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ ....

ا. واتَ تُلسيءَ پَتو ۽ پيئاريندا گنگا جَلُ،
ڪَندا تيلَ ماليشوُن، تہ بہ ايندو نہ ڪوئي بَلُ،
مان سُڪمني ڪيئن ٻُڌندُم، ٿيندي ڪَنَنِ جي پڇاڻي.
جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ ....

٢. مُنهنجي سَرَ سان ڪي شاعر، ڪي عزيز بہ هوُندا،
ڪي کُلهو بہ ڏِيندا، تہ ڪي رام رام بِہ چَوَندا،
ڪَفَنُ ڪانيون بدن تي، ساڙِيندا ڪاندِي مَساڻي
جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ ....

٣. ڪَندِا ٽِئين ڏينهن پَڳڙيوُن، ٻارهين ڏينهن ٻارِهو،
ڳائيندا براهمڻ پاٺي، مِٽَ مائٽ اوڙو پاڙو،
وَٺي لفافا هٿَنِ ۾، ڪَندا گهرنِ ڏي رَهاڻي،
جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ........

۴. ’گووندا‘ مُئي ڳالهيون، سَپاڻُن، ڪتابن ۾ هوُنديون،
اُتلائيندا پَنا ڪي، تہ ڪٿي، اُڏهيون بہ چَڙهنديون،
چڙهيل فوٽوءَ تي دَزَ، مالها بہ هوُندي ويڳاڻي
جيئَري ئي ڏئي ڇَڏِ ....

چا، تي ڪرين ٿو غيرَبُ....!!!

چا، تي ڪَرِين ٿو غيرِبُ، ٿو چاجي ڪَرِين وڏائي
جيسِين آنَ جڳہ ۾ جيئرو، تيسين ڪَرِ تون ڀلائي.
چا، تي ڪَرِين ٿو غيرَبُ ....

١. مِليو مٽيءَ جو تي پُتلو، مٽيءَ ۾ ئي مِلي ويندو،
سَڀ تُنهنجو ئي تہ آ پوڪيل، توکي ئي آڏو ايندو،
جو پوکبو، سو ئي لڀبو، پيارا ڪَرِ تہ ڪا ڪَمائي
چا، تي ڪرِين ٿو غيرَبُ ....

٢. جوت جيڪا ٻرِي آ، هِڪ ڏينهن ويندي سا وِسامي،
لَهِسَ ايندي هِنَ بدَن کي، ڪَرِمَ ويندا سَڀُ اَگهامي،
دَمُ نِڪري جڏهن ويندُءِ، پڇتائيندين پيو ڀائي،
چا، تي ڪرِين ٿو غيرَبُ ....

٣. پورِيندا توکي قبر ۾، يا ساڙيندَءِ ھلي مَسانٽي،
سمرن ڪَر تون جيئري ئي، ڪرين پيو سُيان سُياٽي،
’گووندا‘ مِٽيءَ مِلندين، ٻَرندي جوت هِڪ اِلاهي.
چا، تي ڪرِين ٿو غيرَبُ....



کيو سئر سنڌونگر جو...

آ شهر اَسانجو، سُهڻو يارَ،
پرَ ٽورا، ڪَچري جا اَنبارَ.

١. رَستا ويڪرا هِتِ، آهِنِ ڪيڏا،
پر... رَستا روڪَ جي آهي مارَ.

٢. سُڌريل ڇوڪرا، ۽ سياڻيُون ڇوڪريُون،
پرَ ... ڪي ڪي عِشقُ، لڙائِن يارَ.

٣. اَنگريزيءَ ۾ ڪَنِ ٿا ٽِٽ مِٽ،
سنڌِي هوندي، نَہ سِنڌِي ٻولِن يارَ.

٤. فوٽِ هتي، گهر گهرَ ۾ آهي،
ٿا پنهنجن سان پنهنجا، وڙهنِ يارَ.

٥. ڏس شودَن ٽپوڙين جي، پيڙَ باغنِ ۾،
پيئَنِ دارون، لاهِن سونا هارَ.

٦. لا... آرڊر بہ هِتِ لاپتا آهي،
چورَ، گاڏيون بہ چوري ڪن ٿا يارَ.

٧. پنجهٺ سالن کان، شهر سنڌين جو،
اَفسوس... سنڌونگر نہ سڌجيو يارَ.

٨. هِتِ نيتائون ٻٽيا، بَرساتي ڏيڏر.
ڪَنِ چوندن ۾ ٿا، ٽان ٽان يارَ.

٩. ’گووندا‘ ڪنهن کي سَچ چوان ٿو،
تہ رَکن ٿا مون سان، ڏاڍي ساڙَ.

او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ....!

آلاپ: او هبچي ڪاءُ ڇباڙي، ۽ سنيالي سنيالي،
وَڌِ ڪائي ڪرين تو پاڻَ ڪي، حڪيمَن جي حَوالي.

او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ، پيا تيزُ وَڄنِ،
اِهڙا آواز ٻُڌي، ماڻهو، ڪُنڊون وَٺَنِ.
او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ.....

١. او آيو چِڪنِ جي، دالِ جو وارو،
ها تِنِ بہ وَڄايو، تيزُ توُتارو،
جي سمجهہ اَچين تہ، وَڌِ نہ چَکِنِ.
او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ.....

٢. تنهن کان پوءِ آيو، چولَنِ جو وارو،
تِنِ بہ گئس ڪَڍي ڪيو، خوبُ ڪاپارو،
ماڻهوُ هبچي گهٽا، نوُسي پيٽُ ڀَرِنِ.
او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ.....

٢. ها....آخرِ آيا مُڱ، تِنِ ناهيا لِڱ،
’گووندا‘ سنيالي جو ڪائن، پوءِ ڇو ڪَنِ ڪِنَ،
پيٽُ پنهنجو هوندي بہ، پرائو سَمجهنِ.
او مَٽَرَ ماٽِ نہ ڪَنِ.....

نيڻ نشيلا......

فلم : ڪيو ٽائيم پاس (رليز ٢٠١٣)

نيڻَ نشيلا، نَشيلا نيڻ نَشيلا
ها تُنهنجا نيڻَ نَشيلا، تَڙِڦائي وِيا دِلِ کي ،
پو چو نہ پوَان مان پويان، جو پائين وِيا دِلِ کي.
ها تُنهنجا نيڻَ نشيلا ......

١. سُهڻي ڏِٺو مان توکي جَڏهن، هائي پَهرين نَظَرَ ۾،
مُنهنجي دِلِ بڻي ديواني، ٿِيو مَنُ تُنهنجي اَثَرَ ۾،
تعريف ڪيان مان ڪهڙي، گهايل توکيو هن دل کي،
ها تُنهنجا نيڻَ نشيلا ......

٢. نازِ نيون ڪي ئي مِليوُن، ديسَ ۾ پرديسَنِ ۾،
چا چوان هڪ تون ئي سَمائينءَ، مُنهنجي دل جي ڌڙڪن ۾،
هِڪ سُهڻي مُهڻي تون ئي، ٻي ڪا نہ وڻي ٿي دل کي،
ها تُنهنجا نيڻَ نشيلا ......

٣. راڄ ڪندينءَ تون ئي راڻي، مُنهنجي دل جي محل ۾،
تُنهنجو جيڪر ساٿُ ملي، پوءِ دير ناهي منزل ۾،
تون لئلا مان مجنو، نہ تڙڦاءِ مون پاڳل کي،
ها تُنهنجا نيڻَ نشيلا ......

نيڻ نشيلا ... نشيلا .... نيڻ نشيلا......

قسم ڪاري ڪُتيءَ جو......

فلم : ڪيو ٽائيم پاس(رليز ٢٠١٢)

چوڪرو: قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو مان توسان ڪيان ٿو پيارُ ري،
دِلِ ڏي مونکي پيارُ ڪرِ مونسان، مان تہ شادي ڪرڻ لاءِ بہ تيارُ ري
قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو......

چوڪري: وارَ وڏا ۽ سُهڻو چِهرو، جَنهن تي حَسينَن جو آ پهرو
پوءِ ڇو مونسان تَعلقُ گهِرو، مونکي ڇو ٿو ڪرين بيزارُ ري
قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو مان ڪونہ ڪندس توسان پيارُ ري.

چوڪري: چورِ تي تُنهنجي دل ۾ پانيان، گورَن سان مان هٿ نہ مِلايان
مان هندستاني سُهڻي آهيان، ڪيئن ٿيندا وِلائتي يارَ ري.
قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو مان ڪونہ ڪندس توسان پيارُ ري.

چوڪري: ڇَڏِ لِکي هاڻي دِلِ تي ڳالهيون، مان نہ ٽپيندس سَرحدي ناليون،
هِندُستاني ڪرِ تون ڳالهيون، وڃي پرديس ۾ ڪرِ پيار ري.
قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو مان ڪونہ ڪندس توسان پيارُ ري.

چوڪرو: قسم ڪارِي ڪُتيءَ جو ڪونہ ويندس سَرحَد پارِ ري،
چوڪري: چِين چِين چوُن چوُن ڪرَڻ لاءِ تيار ري
چوڪرو: مان شادي ڪرَڻ لاءِ تيار ري،
چوڪري: مان بہ ڦيرا پائڻ لاءِ تيار ري
چوڪرو: مان بہ ڦيرا پائڻ لاءِ تيار ري
چوڪري: مان بہ شادي ڪرڻ لاءِ تيار ري

۴. ڏُرُ سَپُ هِڪڙو، تو پِتڪين ذَرِ ذَرِ،
جهاتي پائي بہ، ڏِسين نہ تو اَندَرِ،
هاڻِ، مَنَ ' مندر کي، پَسي ڇَڏِيو.
ها سَچ جو سؤدو ......

۵. نا کِنَ جي خبَرَ آ، نَہ دَمَ تي پروسو،
هِڪَ ڏينهن ڏيندو پڪ، وقِتُ بہ دوکو،
جيئري ڪال کُهاڙو کو، هٽي ڇَڏِيو،
ها سَچ جو سؤدو ......

۶. ٿا ويد پُراڻَ بہ 'گووندا' ڳائِنِ،
نامُ هرِنام پيا ستنام جَپائِنِ،
بَسِ پيچ پرينءَ سان ٻَڌي ڇَڏِيو.
ها سَچ جو سؤدو ....

پيچ پرينءَ سان ٻڌي ڇڏيو

آلاپ: تون ڪيڏا ڪرين ٿو، ليکا اَلکه سان،
ليکا ڪندين ته، ليکي نه لڳندين،
جي ڪندين حِساب ته، پولو پيو ٿيندءِ،
نِنڊَ ۾ به پيو، آڱريون ڳڻيندين.

هرِ ڪوڙ ڪمايل، ڪَڍي ڇڏيو
ها سَچ جو سؤدو، وَٺي ڇڏيو.

١. رَنگُ ڇڏيو، بي ڍَنگُ ڇڏيو،
نانگ وانگرُ، هرِ ڏنگُ ڇڏيو،
هاڻِ، سَڀ کي معافي، ڏئي ڇڏيو.
ها سَچ جو سؤدو .....

٢. آيو ڪِٿان اَئن، ۽ ڪاڏي ٿي وَڃڻو
ڪوري جو ڪورو، سُڃو آن سَکڻو،
بَس، ڪَرمَن جو ٻِڄُ، وِجهي ڇڏيو،
ها سَچ جو سؤدو ....

٣. تو مُفت وڪامي، جو جَپي اَگهامي،
نام جو دِيپَڪُ، ڪڏهن نه وِسامي،
بَس مَرَڻ کان پهريون، مَرِي ڇڏيو،
ها سَچ جو سؤدو ....

ڪَلام

آئُم ۽ هلِيُم.....!

هاڻي ئي تہ آئُم مان، ها هاڻي ئي پَرَ ڪَڍِيَم،
ڏِينهن وِڇاڻ ڪاڏي وَيا، بس آئُم ۽ هلِيُم.

١. نَچندي ٽَپندي تي گُذريا، ٻچپن جا ڪُجھ ڏِينهن
جوانيءَ جو بہ رَهيو نَشو، گُذاريَم ڪاٿي ۽ ڪِيئن،
آيو ٻُڍاپو، هٿَ ۾ لَڪڙِي، مِٽي مَساڻن جي مَلِيم،
هاڻي ئي تہ آئُم مان ....

٢. ڪيڏا جوڙِيا سامان مون، مُنهنجو مُنهنجو ڇَيو،
موٽ پُڇاڻا يارَ ڪُجھ بہ، پنهنجو نہ پنهنجو رَهيو،
عُضَر، پگڙيون، ٻارهو آخرِي، ٽِيو فوٽوءَ سان ظُلم،
هاڻي ئي تہ آئُم مان ....

٣. 'گووندا' ڪئي جفا جفا، ڪَيان هان وَفا وَفا،
ٻِڄ لُٽيو تم، پوکيل مان، ڪندا ڪندا ۽ ڪندا،
وٺان معافي، ڪيان توبهن، سُڌري مُنهنجو هرِ جَنم،
هاڻي ئي تہ آئُم مان ....

صوفي ڪلام

ڪامتان ڪرين......!

ڪا مَتان ڪرين ، ڪنهن سان دَغا،
ها ڪنهن ويندءِ، تُنهنجا بہ پَتا.

١. ڀلو بُرو ڪيان، مُنهنجي مَجالَ ڇا،
مان ماڻ جا ڏاتار، ڀڃان پُنا،
ڪا متان ڪرين ......

٢. مَغرورَ نہ ٿي، چوُرِ چوُرِ نہ ٿي،
نہ تہ ڪائيندين پيو، دَرِ دَرِ ڌڪا.
ڪا مَتان ڪرين .....

٣. ڪا باهہ نہ ڪڍُ، ڪا آهہ نہ ڪڍُ،
اَندَرُ پيو سَڙندُءِ، هرَ هرَ مِنا.
ڪا مَتان ڪرين .....

٤. عَئبن ڪي وِسارِ، گهوُري ڪيِنَ نهارِ
ڪَئي هونديِ تو بہ، ڪا تہ خطا،
ڪا مَتان ڪرين .....

٥. 'گووندا' پيئَڻُ ڏي، هاڻِ ساقيءَ ڪي بہ،
پي پي پسايا ان تو، خوب لَتا،
ڪا مَتان ڪرين .....

ڪلام



او رَبا......

او رَبا، سَپُ مونکي، هيراڪُ چَوَن تا،
مان پيئَان نَتو، پوءِ بہ، پيئاڪُ چَوَن تا.

۱. ڏِسي حُسن جو جلوو، تو آکيون هيٺ ڪيان،
تہ بہ عاشِقُ مونکي، خطرناڪ چَوَن تا.
او رَبا ......

۲. ڦِکيون کين ڦِکيان، گِھٽيون حَکيمَنِ لنگهان،
ڏِسي، بيمارَ بِہ مونکي، ناچاڪُ چَوَن تا.
او رَبا ......

۳. الزامَنِ مَٿان پيا، اِلزام لَگِنِ تا،
داغدارَ بِہ مونکي، داغُ داغُ چَوَن تا.
او رَبا ......

۴. مون جامَ سان ٽوڙيو آ، ناتو ڪَڍِھوڪا،
ڳَڏِجَنِ نَشَئي جَڏهن، تہ ڏُڪ ڍاڪ چَوَن تا.
او رَبا ......

۵. ڪُجھہ لِکُڻ نہ ڄاڻان، گيت، غزل، 'گووندا'
پوءِ بہ فنڪارَ، شاعِرُ، بي باڪ چَوَنِ تا.
او رَبا ......

واھہ گروءَ جي ....

واھہ گُروءَ جي ، وَنندو ھلجي،
جيئَن ھوُ ھلائي، ھلندو ھلجي.
واھہ گُروءَ جي ....

١. جنھن پيٽُ ڏِنو، داڻو بہ ڏيندو،
شُڪرُ شُڪرُ ڪري، ھلندو ھلجي
واھہ گُروءَ جي .....

٢. ڪي ئي جَھنگل، ڪي ئي ڪَشالا،
نانگن ڪان پاسو، وَنندو ھلجي.
واھہ گُروءَ جي ....

٣. گُلَ بہ مِلندا ۽ ڪنڊا بہ چُبندا،
آ ڪَرمَنِ جو پاٽو، سھندو ھلجي.
واھہ گُروءَ جي ....

٤. ڏُکَ سُکَ يارا، پيا ايندا ويندا،
مَن کي پيو، سَمجھائيندو ھلجي.
واھہ گُروءَ جي ......

٥. لوھہ بہ مِليو آ، پارَسِ بہ ڏِنو اَٿئين،
ديرِ نَہ سون ۾، ڪَرَڻُ ڪا گُھرجي.
واھہ گُروءَ جي ......

٦. 'گووندا' ڪتا - مِٺا بنيءَ جا ميوا،
کِلَ خوشيءَ سان، کائيندو ھلجي.
واھہ گُروءَ جي ....

هِڪ ڀرپوُر جوانيءَ........!

هِڪ ڀرپوُر جوانيءَ ڪيو آ، مونکي پريشان،
ڀيو ماڪوڙي چَڪُ پائي ڪيو ڪيڏو ڳاڙهو نِشان،
اَڙي چاڪرِيان مان چاڪرِيان ڪنهن کي چوان، ڪيڏانهن وڃان
هيڏي هيڏي .... هيڏي هيڏي ... هيڏي هيڏي.

١. واهه شرابي واهه، تُنهنجا ڪارناما ڪَمالُ،
هلائي تاس ٻاس جا پَتا، تو مَچايو آ ڌمالُ
سَڀُ دَستيءَ جي مَستي آ، گهرِي گهرِي آ چالِ،
سُني تُنهنجي قِسمَت آ، ڏاڍو اونچو تُنهنجو مانُ
هِڪ ڀرپوُر جوانيءَ......

٢. تون نوٽنڪي آن وَڏو، تُنهنجا نَخرا، هزارِ،
هِتي ڪيرُ ڪنهن کي تو پُڇي، هِڪ تُنهنجي بزارِ،
گهرين تو تون هِڪُ رُپيو، مِلَنِ توکي لک هزار،
ڳَلَ ڳاڙِها، مُنهن ڳاڙهو، چٻاڙين پيو تو پانُ،
هِڪ ڀرپوُر جوانيءَ.......

٣. تون داوَ پيچ پيو ڪيڏين، ڏاڍا زَبرَدَست،
ڪائي پي تون خرچُ ڪرين ءِ رهين مَستُ مَستُ،
مونکي پنهنجي ٻانهُن جو هارُ ڪَرِ، تي نـَ تون سُسُت،
جلوو تُنهنجو آ جَمالُ اوُنچو تنهنجو شانُ،
هِڪ ڀرپوُر جوانيءَ........

وَيو پکي اُڏامي..... !!!

اَچو توهان کي تہ مان ٻُڌايان، پَنهنجي جيوَن جو رازُ،
کَٽي پَڄي وِيو، جِسمُ بہ مُنهنجو، کو شيطاني بازُ.
اَچو توهان کي مان ٻُڌايان ....

ا. گُذريو ٻَچپَن مَستيءَ ۾، ۽ جوانيءَ ۾ ڪَئي شادِي،
موُج مَستيوُن ڪيئي ماڻيوُن، اَنڌَ ۾ ڪَئي بَربادِي،
رَکي ڪِلي ڪَنڌَ ۾ موُن، کو وَڄايو گهمنديِ سازُ،
اَچو توهان کي تہ مان ٻُڌايان ....

٢. گُذرِي جواني ۽ آيو ٻُڍاپو، پيو بَدَن ۾ سيئاپو،
اوندھہ اَکيُن ۾ ، چيلهہ چِٻي تي، آيو ڪالَ جو نياپو،
پوک نہ پوکي، موُن اَنت سَمي لاءِ، ڇا تي ڪَيو هوُ نازُ،
اَچو توهان کي تہ مان ٻُڌايان ....

٣. ڪَرِمن سَندو، مِليو هو پڃرو، وَيو پَکي بہ اُڏامي،
ڪَهڙِي خبر هئي، ڇِنو بہ کُلندو، ٿيندي ڇتر گيت جي سلامي،
’گووندا‘ جيڪَرَ جيِي ڇَڏِيان هان، خوش بہ ٿِئي ها يمراڄُ،
اَچو توهان کي تہ مان ٻُڌايان ......



٣. ها جاتي پيرُ ھجي تاتي خَيرُ ھجي
جتي ڏيءَ ڏِجي، اُتي خوش ھجي،
شينهن ڪُلهي چَڙھي، گهوٽ ياشا پَڙھي،
سَسُ سَھُري سَيني سان نَهڪي ھلَي،
بند پيتيءَ جو رواج، ڪيڏو سُنو آ،
گهرِ گهرِ جو رواج، ڪيڏو بُرو آ،
قَرِض ڪٽي بہ ڪُنوار پيءُ خَرچُ ڪيو آ،
ڏيتيءَ لَيتيءَ ڪيڏو........

ڏائڻ ڏيتي ليتي...... !!!

ڏيتيءَ ليتيءَ ڪيڏو ڏسُ، مَرِضُ ڪَيو آ،
قَرِضُ ڪٽي بِہ ڪَنوارِ پيءُ، خَرِچُ ڪَيو آ.
ڏيتيءَ ليتيءَ ڪيڏو......

١. تِيا ٽوڪرا مهنگا، مَهِنگي مِٺائي،
جيڪا مون منگٽيءَ لاءِ گهرائي،
ها ها هي بہ ڪپي، ءِ پڻ هوُ بہ ڪپي ،
گهوٽيتا گهُرنِ پيا، ٽڪي ٽوڪي
ذري ذري تي هِتڙي شيشو ڪُليو آ،
مائٽيءَ وارن بہ مونکي خوب ڦُريو آ،
قَرِضُ ڪٽي بہ ڪُنوار پيءُ خرچ ڪيو آ.
ڏيتيءَ لَيتيءَ ڪيڏو......

٢. تِيو ڪَپڙو مهنگو، مهنگو ڏاجو،
بارات بئنڊ پڻُ، مَهنگو باجو،
مئو سون بہ مهنگو، هالُ بہ مهنگو،
آئيسڪريم ڪاڏو هر مالُ بہ مهنگو،
بيوٽي پارلر وارن ڪيڏو ڦُريو آ،
مهيندي پارِٽيءَ تي بہ ڪيڏو خرچيو آ،
قَرِضُ ڪٽي بہ ڪُنوار پيءُ خرچ ڪيو آ،
ڏيتيءَ لَيتيءَ ڪيڏو......



او ڪارپوريٽر جڏا...... !!!

او مُنهنجا ڪارپوريٽرَ جَڏا !
ناراضِ، پَراءِ، رَستَنِ تي ڪڏا !!
اِجهو آيوُن مَٿان چاڙهه چونڊون !!!
ڪَڏهنَدءِ ووٽر پوءِ، تُنهنجا ٽَڏا !!!!
او مُنهنجا ....

١. گِهٽيُن رَستَن جي نہ ڪَرائيندءِ صفائي !
وَصوليو نالي صفائيءَ تي ڏنڊ اِلائي!!
پاڻيءَ جو بل بہ ڪَيئَہ تو اِلائي!!!
شهر تُنهنجي ۾ تي تُنهنجي گِلا !!!
او مُنهنجا ....

٢. ٻُڏو اَڌ ٻُڏو، ووٽرن سان ڪيو تو !
دانهوُن ڪوُڪون ڪنهنجون ڪِين ٻُڌيون تو !!
ڳالهہ ڪنهن نہ ڪنهن تي تو ڪَيا ڦَڏا !!!
هلَن وارڊ تنهنجي ۾ ڪِلبوُن اَڏا!!!!
او مُنهنجا ....

٣. دانهوُن ٻُڌندي بہ تون ٻوڙو رَهين!
نِڪرُ اوڙي جو اوڙهو، ڪورو رهين!!
پولِڙا تون ناهين ڪو، سُڌريل پلا !!!
هرِ ڪم لاءِ ڪارايئہ، سَپِ ڪي ڏِڪا !!!!
او مُنهنجا ....

ٽيندو ڇا هن شهر جو اَلائي....!!!

ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ، هِتڙِي ڪاهي،
ٽيندو ڇا، هِنَ شَهر جو اَلائي.

١. ڇَمپليوُن بوٽَ بِہ ڪين ڇَڏِن ٿا،
سُمهو توهان هاٽي راتِ جو پائي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ.....

٢. مُئو سون بہ تِيو آ، مَهِنگو مَهنگو،
ڪوُڙ بِہ وَجن ٿا، ڳِچيءَ مان لاهي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ..........

٣. اِسڪوٽَرَ گاڏِيوَن بِہ خوب کَڄِنِ تِيون،
پُرزو پُرزو ڪري، وِڪڻِنِ ٿا هائي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ............

٤. هِتِ چورُ گهمي ٿو، ڏئي مُڇ وَڪوڙو،
وَني نوٽَ صوبيدارُ، ٿو پاڻُ نچائي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ......

٥. هرڪو پنهنجي پُني، پاڻَ نَپي ٿو،
بَڏي، ٻُڏي پئي، ڏوڙِ تي پائي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ......

٦. 'گووندا' ليڊر بڻيو، توُتارو چوُنڊن جو،
ڏئي ڪُجهہ نہ ڪُجهہ، ٿو نِپو هٽائي.
ٻُڪَ ٻُڄِڙِي پئي آ.......

شعر

سيٺ سترامداس هرداسملاڻي

هرڪو جمندي جامُ نہ تيندو آ
پر هر شخص سترامُ نہ تيندو آ.

يارَن جو يار هو، اَسانجو سترامداس،
داني دلاوَر هو، دادا سترامداس،
يارَن جو يار هو....

١. مائٽن، پنھنجن کي، خوبُ وَرسايئين،
گھرجائن غريبن جون، جھوليون ڀريائين،
دُعائون ڪٺيائين، ڏِنائين ورھايئين،
سَڀُ ھوندي، بہ سڏايائين داسن جو داسُ.
يارَن جو يار هو....

٢. نياڻيُن نماڻِيُن جا بہ، ڪارج ڪرايئين،
ھٿن سان پري، تِنِ کي ، سَڀُ ڪي ڏِنائِين،
دوا دارون، بيمارن جي بہ، سارَ لڌائِين،
چڏيائين سرير، تہ رَڙي پيو روئي آڪاس.
يارَن جو يار هو....

٣. سائين سترامداس کي تون گود ۾ رکجائن،
تتو تڏو واءُ لڳي، تون ڪين ڏِجائن
هن پياري جي سُھڻي، سارِ تونَ لھجائن،
سائين 'گووندا' جي اِتيئي اِھائي اَرداسَ
يارَن جو يار هو....

۴. 'گووندا' کي بہ تو ڪين ڄپيو آ !
نامَ جي نالي، بَس نونگو هڻيو آ !!
ڦِٽا ڪُرسيءَ ڪَيا مَهارٿي جوڌا !!!
ڪُرسي ڪنهنجي بہ رَهنديِ ناهي سدا !!!!
او مُنهنجا ....

شعر

عزَت ڪَرِ عوِرت جي تہ مَرد ملئي مانُ !
عوِرت سان ٿي گهَرُ سنسار، عوِرت سان ٿي جَهانُ!!

برهملين بابا ٺُڪر فقير

رام جپو آشرم، اُلهاسنگر - ا.

تون آهين روشن منار، سنت ڪرپال سنگهه جو توتي سعايو،
ڏينهن راتيان تون هڪ ڪري، رام جپو آشرم جو وڏو پايو،
جت هلن ٿا ڪم ثواب جا سڀ، بي واهن کي تون دڳ لڳايو،
يتيڪيل ماڻهن کي هڪ ڪري، سڀ کي ستسنگ جو تو رسُ وٺايو،
رام نام جو تون سُمرن ڪري، رام جپو، نام جاپ ڪرايو،
ٻار، ٻُڍي، پکي، پسونءَ جي ڪري شيوا، جيون پنهنجو سڦل بڻايو،
ڪن کي ڪپڙو، ڪن کي اَن ڏن ڏيئي، خُدا جي رنگ ۾ پاڻ رنگايو،
ڪري سفيد پوشن جي شيوا، ودوائن، اَنڌن، منڍن کي گلي لڳايو،
سڀ ڪُجهه هوندي بہ ، پنهنجو پاڻ کي ٺڪر فقير تو سڏايو،
'گووندا' ويندو ڪنهنجو ڪين اَجايو، گرنٿن ۾ گُرن آ پاڻ فرمايو.

ٻُڍاپي ۾ !!!

هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ، ٻُڍاپي ۾،
ڏِکا ڏوڙا، ٻه اَچِنِ ٿا، ٻُڍاپي ۾.

هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ.......

١. ڪڏهن گوڏا، ٻيون ڳِچُون ٻه وَهنديون،
ڏوهه ڪنهنجو، ٻه ناهي، ٻُڍاپي ۾.
هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ.......

٢. چِٻي چيلهه ٿِيندي، ۽ نظر ٻه ڍِلي،
ڪَنُ ڪَنُ ٿِيندو ٻوڙو، ٻُڍاپي ۾،
هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ.......

٣. ڳَڏُ مِلندي مُفت ٻه، سَٺِ ۾ لَٺِ،
ڏِسي ڪُتا، ٻه ڀؤ ڪندا، ٻُڍاپي ۾.
هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ.......

٤. 'گووندا' مهيش ماءُ، چَوَندي اَچُ اَچُ
مان نَه نَه ، پِيو ڪُندُس ، ٻڍاپي ۾.
هٿُ ڏِيو، وَٺو هٿُ.......

رباعيون

سنڌي ٻولي زنده رهي





رُباعي

٢



سَچو ٽي، چَيُم سَچُ، تَہ گارِ مِلي
بِنا نوٽَنِ، ووٽ وَرِتا، تَہ هارَ مِلي،
ناهي زِمانو ڪنهن ڪي بہ، ڪُجهہ چَوَڻَ جو،
ڪوڙي ڪي ، چَيُم ڪوڙو، تہ مارَ مِلي.

رُباعي

١

اِنعام، اِقرار بہ، ماپيو وَيو،
مُنهنجو، هِڪُ اَڪر، جاچيو وَيو،
ڪُجهہ هَٿ نَہ آيو، بِنا ڏي وَٽُ جي،
مُنهنجو طئہ ٽِيلُ، ٻئي ڪي، ٽاڪِيو وَيو.

رُباعي

٤





اُتُ هَلُ پيئَڪَ، اَڄُ وَري، شامَ اَچي ويئي،
پوءِ نہ چئجئن، تہ مئڪدي ۾، حَشامَ اَچي ويئي،
ساقي جامُ ڪنهن کي، ۽ مِلائيندي نظرونُ ڪنهن سان،
جيڪو مِلَئي پي، شام-اي-غم، تَمام اَچي ويئي

رُباعي

٣



هِڪ چِٽِنگہ موُنکي لتاڙي ويندِي، خَبَر نہ هُئي،
پنيت باھِ مونکي ساڙي ويندِي، خَبَرَ نہ هُئي،
سالن کان سانديو هو، ساھہ ۾ سرير پنھنجو،
گَرَمِ هوا، چَمَن اُجاڙي ويندي، خَبَر نہ هُئي.

رُباعي

٦



رکُ واتُ بَند، ۽ آگر چَپَن تي، چُپ رَهُه
بتِيهن ڏنِدَنِ مان، ڪَنهن کي بہ، ڪُجھہ نہ چَئُہ،
جي ڪُجھہ چَيئہ غلط تَہ، لوڙِيندِين پيو،
اِشارن اِشارن ۾ وينو، هَرِدَمُ پيو وَهُہ.

رُباعي

۵

اَجان، کیڈو پیئان شرابُ مان،
اَجان، کیڈو ٹِیان خرابُ مان،
خُدا، وٹندو سپُ حسابَ مونکان،
ها، پو چو نہ رکان حجابُ مان۔

رُباعي

٨

صابُڻ تيل، پيو ٿو، خوبُ هَٽِين،
لِڱُ لِڱُ وينو، پيو صافُ ڪَرِين،
پَرَ مَنَ کي ڪَڏهن بِہ نہ، ڌوتو تو،
مورَک اِنسانَ هيِ، ڇا پيو ڪَرِين.

رُباعي

۷

طمع طمع، موُنکي آهي طمع،
ناهِيان، ماڻهوُ کو مان، لاطمع،
خُدا هيِ بہ کپي ۽ هوُ بَہ کپي،
سَڀُ ڪُجھہ هوندي بہ گُهران اَجان اَجان.

رُباعي

١٠

تيز هوائون، لَڳڻ تہ ڏي،
ھَرِھَڪ گھٽنا، گھٽِجڻ تہ ڏي،
پاڻيءَ کان اَڳُہ پيو، لَٽا ٿو لاھِين،
خوشَيءَ غم جو مزو، وَٺڻ تہ ڏي۔

رُباعي

٩

هيِ سَنِسار بِہ آ، ڇَڏي هَلِٽو،
هَتَ بئي آ، ڇَندي هَلِٽو،
پيِرَ پاڳارا، بِہ تَہ وَيا هَلي،
هِتِ کَهڙو قُبعو آ، آڏي هَلٽو.

رُباعي

١٢



آءِ دِلِ، نَہ گھَبراءِ، مايوُس نَہ ٿيِ،
ھُن سَڀُ کي ڏِنو ٿيِ، ڪنجوُسِ نَہ ٿيِ،
ڇِڪينِ پِيو تو چادَرَ، سموُرِي پاڻَ ڏي،
وِراھہ ، وِراھہ، وِراھہ، مَڪي چوُس نہ ٿيِ.

رُباعي

١١

هِڪ ڏينهن تہ آخِر هلڻو آهي،
ڪالَ چَنبي، پَڪ چَڙهڻو آهي،
پوءِ چا جا ڦُرِنا، ۽ ويچارَ چاجا،
بَسِ جيئري هڪُ سُمرن، ڪَرڻو آهي،

رُباعي

١٤

مونکان، خطا بہِ ٿي وَئي،
ها، مونکي سَزا بہِ ٿي وَئي،
خُدا تو ۾ ءُ مون ۾، پوءِ ڪهڙو فرقُ ،
توکان بہ تہ، بي‌حيائي ٿي وئي.

رُباعي

١٣

چَوِٽي آ تہ لڪيَلُ، ڪِينَ ٺَري،
نِرِڙَ جو لڪيَلُ، ڪِھاڙيءَ ڪَنڌُ نہ ٽِئي،
پَرَ اَڻ لِڪيَلَنِ کي بہ نہ ڏِنائين ھُنَ،
جي ھوُ چاھي تَہ، چا چا نَہ ڪري.

رُباعي

١٦



کَلَ راتِ مونْ، هِڪُ عجيب، خُوابُ ڏِٺو،
فَرِشَ تي، ليٽَڙِيونْ پائِيندي، شرابُ ڏِٺو،
اَکِيان وَڏِي تنهن کي، چُمَڪَ چٽَڻ، لڳُس مان،
نَشي ۾ اَچِي، جيوَن مونْ پَنهنجو، سَبابُ ڏِٺو.

رُباعي

١٥





اَجان نَشو چَڙهڻُ، باقي آ،
هِڪُ ٻہ پيگُہ پيئڻُ، باقي آ،
ساقيءَ اَجان رُخُ، ڏِنو ڪِٿي آ،
مئخاني ۾، لُڏڻُ لَمڻُ، باقي آ.

رُباعي

١٨

هِڪ ڏِينهن لڳندو، ڪاٽ ڪُهاڙو،
هر ڪنهنکي ڪري پيو، روز اِشارو،
ڪَهڙي خبر ڪنهن مهل ، ڪنهنکي ڪٽندو،
هردم وجي پيو تو، ڪال نغارو.

رُباعي

١٧

هَرِ سوال جو جواب، نَہ ٿِيندو آ،
هَرِ عشقَ جو نالو خراب، نَہ ٿِيندو آ،
اِئين تَہ عشقُ، لئلا مجنوءَ بہ ڪَيو هو،
هَرِ نشو صرف شراب، نہ ٿِيندو آ.

چند شعر

رُباعي

١٩



سُتو پَيو آهين، جاڳُ مُسافر،
چو نہ تو ناهِين، ياڳُ مُسافر،
جَپ جيئَري ئي تون، رام ڪرشن،
جاڳي، چو نہ تو ڳائين، راڳُ مُسافر.

چند شعر

(٦)

خوف دِلِ ۾ موٽکي، ذرا بہ نہ آهي،
گووندا ڏران ڏکان پيو، ڪجھہ تہ آهي.

(٧)

هوُ ڪَرَئي نَظَرَ تہ، تِئين مالا مال،
جي هوُ ڦيرائي نَظَرَ تہ، ڪري ڇڏيئي ڪنگال.

(٨)

پَلُ تَرُ اَندر ۾، پر مُشڪ مُنهن تي نہ آڻِ،
گووندا خوشيءَ ۾ ڏِسي ڪوئي، ڦُري نہ وٺئي يارَ.

(٩)

گووندا خوُب ڪاڻ ۽ خرچ، خرچاءِ گهرجائن کي بہ،
اِئين ڪري ڏِسُ، ڪيسو ڪڏهن، خالي نہ ٿيندءِ يارَ.

(١٠)

خُلِقَ ۾ خالِقُ وَسي، ڪَري ڏِسُ گووندا، خَلِق جي خِدمَت،
کَلندءِ دَروازا، ڪَڏهن نہ لُٽجندءِ، قسمَت جي عُصمَت

چند شعر

(۱)

غمَ ۾ آهيان، تڏهن تہ توکي پُڇان ٿو مان،
خوشيءَ ۾ ’گووندا‘ ڪيرُ ٿو ڪنهن کي ياد ڪري.

(۲)

ڏِسُ، ڪيڏو نہ مُختصر آهي، مُنهنجو پئمانو،
’گووندا‘ تہ بہ سمائي نہ ٿو سگهي، پاڻَ ۾ مئخانو.

(۳)

هرهڪ شَخصُ، ڏوُنهون ڏوُنهون هوُندو،
’گووندا‘ اُن ڪان پوءِ بہ، جَڳُہ ڪافلو هوُندو

(۴)

خدا، ٻِڌيَل هُن کي، ڏئي ڇڏِ اَڻ ٻِڌيَل موُنکي،
توُن ئي نہ رَکيو تہ، گووندا ڪهڙو رَکي حِسابُ توسان

(۵)

ٻولهين پيو اِيشور، پَري پَري،
گووندا، اَندر پَري يا، مندر پَري.

نيڪ آتما کي شرڌانجلي

Late Shri Satramdas Hardasmalani

D.O.E.: 04/03/2013

سدا حيات سترامداس ڪشنچند هرداسملاڻي

مالڪ: وي.ايل.فارما، شوروڊ، سنڌونگر-١.

شيوا ۾:

راجو (راجيش) سترامداس هرداسملاڻي

نريش (ڪاجو) سترامداس هرداسملاڻي

هيمنت هيرانند هرداسملاڻي

ڳؤرو راجيش هرداسملاڻي

وڌان نريش هرداسملاڻي ۽ پريوار

دیش ودیش جي مشهور سنستا ’’سنڌو یوٿ سرڪل‘‘ سنڌونگر ۳، سا
۲۰۱۲ گولڊن جُبلي جي موقعي تي گیتڪار گووندا کي شاعري، گیتن جي ڪيتر
اوچو مقام پائڻ جي لڪشيہ ۾ ۽ هن شهر جو ناميارو شاعر ڪري گهوشت ڪيو
سنڌي، هندي، اُڙدو ۽ مرهٽيءَ ۾ ڏنل يوڳدان لاءِ گیتڪار گووندا کي ٽرافي
دشالا، مومينٽو ۽ ڪيترائي اِنعام عطا ڪري ڪيس سنمان ستڪار ڪيو ويو.

988

Ahiyaan Mussafi
Geetkar Govind
Shahzado
Dhiraj H. Makhija (Sindhyat jo Deewano)
Satana (Nasik)